


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توں پارس، آئون لوهه

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| نالو ڪتاب جو | تون پارس، آئون لوهه |
| موضوع | شاعري |
| شاعر | سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي |
| ناشر | ديدار بڪ ڊيپو ٽنڊوالهيار |
| ڇپيندڙ | گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | بشير 'مختصر' جمالي |
| ڇپائي جو سال | سيپٽمبر 1994ع |
| ڇاپو | پهريون |
| تعداد | هڪ هزار |
| قيمت | 00-50 رپيه |

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

ملڻ جو هنڌ

**ديدار بڪ ڊپو**

لگهي مسلم ڪمرشل بئنڪ ٽنڊوالهيار، ضلع حيدرآباد سنڌ

۽

سنڌ جا سيئي وڏا بڪ اسٽال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# فهرست


| عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|
| انتساب | 09 |
| مهاڳ | 10 |
| شاعري ۾ موسيقيت | 13 |
| ناشر طرفان | 15 |
| پنهنجي پاران | 16 |
| پٽائي پلارا | 21 |
| اي طالب مولئٰ سنڌڙيءَ جا | 22 |
| ايندا محب وري | 24 |
| زمانا ياد ايندا ويا | 25 |
| تنهنجي آهيان | 27 |
| املهه انسان | 28 |
| محبت ڏاران ماٺهو کهڙو | 29 |
| ڳوليان پيو | 30 |
| جيءَ جياري وچبا | 31 |
| جيئندا آهن | 32 |
| گڏ جي رهڻ گهران ٿو | 33 |
| منهنجي ديس ۾ | 34 |
| جسم خوشبودار ۾ | 35 |
| بيوفا تنهنجي ڪري | 36 |
| جاني شال جواڻ هجين | 37 |
| جي مرڪين ملين | 38 |
| غلطي ٿي وئي | 39 |
| واٽ تان واري ڇڏيو آ | 40 |
| خزانا ختم ٿي ويا | 41 |
| ڪلي نيڻ ته ڪڻ | 42 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| ڪانگ اڏاريان پئي | 43 |
| چنڊ تارن ۾ ڏٺم | 44 |
| پريم نگر | 45 |
| پيو ڇا ڪپي | 46 |
| گهٽو پڇتائيندئين | 47 |
| عشق جي بازي | 49 |
| ڏکن جي ڳالهه نڪري پئي | 50 |
| مردن جو شان | 51 |
| حسن جي هٻڪار | 52 |
| سونهن تان صدقي پيارا | 53 |
| پنهنجي گهر مهمانن وانگر | 54 |
| برباد ڪئي ته ڇا ٿيو | 55 |
| ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها | 56 |
| اک اڙ جي وئي | 57 |
| نياپو | 58 |
| تنهنجو ناهه نظير | 59 |
| اصلئون تنهنجو آهيان | 60 |
| لڄان ۽ پڇان | 61 |
| ڇئو ڀلا مان ڇا ڪيان | 62 |
| پيچ پيو | 63 |
| منتظر آهن | 64 |
| پراڻا ماڻهو | 65 |
| ملاقات ٿيندي | 66 |
| چڱو ٿيو اوهان کي ٻه وسري وياسين | 67 |
| جيس نہ جوڙ | 68 |
| توتان نثار | 69 |
| تنهنجي شهر ۾ | 70 |
| جواني تو سندي | 71 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| ڏاريا نيڻ ڏاريا | 72 |
| ڇاڻي خدا | 73 |
| ڏسندو رهان | 74 |
| نهارين پيارا | 75 |
| چوڙين جا چمڪار | 76 |
| ڇاڪريان | 77 |
| واجهايان پئي | 78 |
| ڇا چوان | 79 |
| جيءَ ۾ جهوري | 80 |
| ايندو يار ڪڏهن | 81 |
| ويٺي واٽ ڏسان | 82 |
| سڪائيندين تہ ڇا ٿيندو | 83 |
| هر گهڙي | 84 |
| منٺار جي محفل اندر | 85 |
| وساري وهان ڪئين | 86 |
| عيد آئي، تون نہ آئين | 87 |
| سبحان الله | 88 |
| حورون ڪنديون ڇا همسري | 89 |
| دل جو خزانو | 90 |
| اباڻا، اباڻا | 91 |
| ڪنهن کي چوان | 92 |
| روح جي راڻي | 93 |
| پنهل يار پڇائيندس | 94 |
| پيار جو وهنوار | 95 |
| نماڻيون نگاهون | 96 |
| اي دل بنا دلبر جي | 97 |
| واحد وصال رهندو | 89 |
| سرسٽايون | 99 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| ٻي ڪهڙي قرباني ڪريان | 100 |
| اجهي آيا | 101 |
| گهوريا گهنگهر ڏينهڙا | 102 |
| وري آسا نولڙا | 103 |
| تو ٻر ڇا نہ ڏٺمرا | 104 |
| دنيا پيئسي جي | 105 |
| ڇاپير ڏسان ! | 106 |
| لک لهي ٿي لوڏ | 108 |
| ڇلولِي | 109 |
| چار ڏينهن | 110 |
| ٻي وس | 111 |
| سٽائي وڃين ها | 112 |
| وساري نہ ڇڏجان | 113 |
| پيچڙا پايون وري | 114 |
| جانيڙا | 115 |
| آسري الله جي جيئندو رهيس | 116 |
| آيو آهيان | 117 |
| اکڙيون مٽي ڪڻ | 118 |
| اک اٽڪائي | 119 |
| پورهيت جي عظمت | 120 |
| دلڙي ڪٿي تو چوري | 121 |
| مگر تون نہ آئين! | 122 |
| کِلندو رهندين | 123 |
| در بند نہ ڪجان | 124 |
| لٿون لڳايو وڃان پيو | 125 |
| مِٽي ڪيئن مٽايان | 126 |
| سڏائين ها تہ ڇا ٿئي ها | 127 |
| مِل تون اچي خدارا | 128 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| وساريں اڄاڻ پيو | 129 |
| مُنهن نہ لڪاءِ | 130 |
| تنهنجي وس آهي | 131 |
| ملنديں ڪڏهن | 132 |
| پرديس وارن کي سلام | 133 |
| وقت ئي ظاهر ڪندو | 134 |
| ياد ٿو هر هر اچين | 135 |
| ٿي مران مهراڻ بر | 136 |
| اهو ڏوهہ اکين جو آ | 137 |
| اُتر، اولهہ، ٿر،ڪراچي، لاڙ وارا ياد پيا | 138 |
| راڄ راڻي مارئي | 139 |
| قرب نہ ڏينديں | 140 |
| نہ تو سمجهيو نہ مون سمجهيو | 141 |
| نڪا منهنجي سري، نڪا تنهنجي سري | 142 |
| وڃهان وِيٺي فال مٺا | 143 |
| تون نہ وڃ | 144 |
| روح جا راڻا موٽي آ | 145 |
| دوستن ماري وڌو | 146 |
| اڄ اڏامي ڪانگ قاصد | 147 |
| غريبن سان گهاريو | 148 |
| ٿر وٺو تذڪار ٿي | 149 |
| اڄا دل اُداسي | 150 |
| ڪاڏي وڃان | 151 |
| سڄڻن جي سوغات | 152 |
| چريو مست مشهور آهيان | 153 |
| تنهنجي صورت تان سر سان فدا | 154 |
| عشق ڪيو انسان | 155 |
| برسات پٽن تي | 156 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| وري آ، وطن تي | 157 |
| مرکي ملڻ کنهن کان سکين | 158 |
| کهڙو جادو کئي | 159 |
| توبهه کئي | 161 |
| خبر آڻ کانگل | 162 |
| وري عيد آئي | 163 |
| سک چين وڃائي ويٺاسين | 164 |
| مغرور اکيون | 165 |
| اي پرين پرديس وارا | 166 |
| ايندي ويندي | 167 |
| مري مفت ويندس | 168 |
| پنهنجو ملڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي | 169 |
| قسمت کي ڇوان | 170 |
| پريشان آهيان | 171 |
| وات نهاريندا هوندا | 172 |
| وهيو واپريو ڇا | 173 |
| هنيئين جا هار ترسين ها | 174 |
| منهنجي مارن کي ٿر وارن کي | 175 |
| رُسي وڃ نہ راڻا | 176 |
| اي کانگ ادا | 177 |
| ڏاڍا قرب ڏنئي | 178 |
| اي صنم | 179 |
| دل تہ اڳوڻي ڏار پرين | 180 |
| جـر تي ڦوٽو | 181 |
| جياريو يا ماريو | 182 |
| "شير" جي ياد ۾ | 183 |
| "شير" لاءِ عيد تي لکيل | 184 |


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# انتساب

پنهنجي

وڇڙي ويل نوجوان پٽ

سيد شير محمد شاھ ڏاڏاهي

جي نالي

جنهن کي جواني ماڻڻ جي،

موت مهلت نہ ڏني.

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مهاڳ

## لطفِ انتظار ۽ اعتمادِ وَفا

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جو شمار انهن سنڌي شاعرن ۾ ٿيئي ٿو، جيڪي رواجي تعارف جا محتاج ڪو نه هوندا آهن. سائين مرتضيٰ ڏاڏاهي جي اتو اڌ شاعري تمام سولي ٻوليءَ ۾ چيل ۽ عام فهم آهي، انهيءَ جي ڪري سندس ڪلام خاص محفلن کان وڌيڪ عوامي ڪچهرين ۾ ٻڌو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن نامور شاعر جي سڃاڻپ ۽ مقبوليت سندس سادي ۽ سُريلي ٻولي آهي.

ڏاڏاهي صاحب جي ڪلامن جو پهريون مجموعو سن 1984ع ۾ ”زهرو زم زم“ جي نالي سان منظر عام تي اچي مشهوري ماڻي چڪو آهي، هيءُ سندس ٻيو ڪتاب آهي جيڪو شاعري جي مختلف صنفن تي چيل ڏيڍ سئو کان وڌيڪ ڪلامن تي مشتمل آهي، جن ۾ ڪافيون ۽ غزل وغيره اچي وڃن ٿا.

سائين ڏاڏاهي صاحب جون چيل ڪي سِٽون، ڪجهه شعر، ڪجهه غزل ۽ ڪافيون بيساخته تحرير ٿيل لڳن ٿيون، زير مطالع ڪتاب ”تون پارس، آئون لوهه“ کي پڙهندي پڙهندي جڏهن اوچتو ڪنهن اهڙي شعر تي نظر پئجو وڃي ته دل مان بي ساخته واهه واهه نڪريو ٿي وڃي، اهي وڻندڙ ۽ پنهنجا لڳندڙ شعر جن وڏي قرب سان توجهه کي پاڻ ڏي ڇڪي ۽ خود تي مرڪوز ڪرايو تن مان ٻه ٽي مثال طور هتي ڄاڻائڻ مناسب ٿو سمجهان.

بي پروا سان اک اڙجي وئي
پوڳن ۾ ئي ڳالهه وڏي وئي

ڏاڍو دل کي روڪيوسين پر
مَنَ موهڻي سان لوهه لڳي وئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چوڏهين جي چنڊ جهڙو چهرو
ڏسندي ڏسندي پرهه ڦٽي وئي

خاص طرح سان ٽئين نمبر شعر ۾ شاعر جنهن نزاڪت سان ۽ باريڪ بيني سان پنهنجي تخيل کي لفظن جو لباس پارايو، آهي اهو سندس سهڻن ۽ صاف خيالن جو آئينہ دار آهي.

سونهن سندم ڪمزوري آهي
سونهن تان صدقي ٿيندو آهيان

ڪڏهن ڪڏهن پاڻ وڃائي
رڻ پٽ ۾ ڳوليندو آهيان
يا

ميارون سڀ مناسب پر، محبت ۾ منا جاني
وڇوڙيل جي وفائن تي، ڪري ويچار ترسين ها
يا

سکن جي ڳالهہ مان يارو! ڏکن جي ڳالهہ نکري پئي
گلن جو ذڪر ڪرڻو هو، ڪنڊن جي ڳالهہ نکري پئي
بلاشڪ پنهنجي ڀُل چڪ تي، مياري "مرتضيٰ" آهي
جو هِن بزم مسرت ۾ غمن جي ڳالهہ نکري پئي
يا هيءُ سِٽَ

تي ويو پندرهين صديءَ ۾ پيار غلطي ٿي وئي

يعني سيد مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جا ڪيترائي اهڙا شعر آهن، جن ۾ سلوڻائي، خيالن جي نفاست، ٻوليءَ جا مقبول عام محاورا، هڪڙي ئي منٽ ۾ سمجهہ ۾ ايندڙ تشبيهون، سهڻن جا واعدا، سڄڻن جا دلاسا، وفا جو اعتماد، عشاقن جي نهٺائي، اڌورا خواب، انتظارن جو مزو پنهنجي عقيدت مندانہ عشق و محبت جي اظهار جا معزز طريقا، اڻ ڳڻ تمنائون ۽ يادگيريون يا اهڙا ٻيا انساني جذبا جيڪي جڏهن اکرن جي صورت ۾ اچن ٿا تہ انهن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تغزل، شعريت ۽ شاهہ بيت وغيره جهڙا لقب ڏنا ويندا آهن، اهي سندس
كلام ۾ جابجا نظر ايندا.

ڏاڏاهي پيا ڏينهن گذاريون
پنهنجي گهر مهمانن وانگر

جڏهن سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي جهڙن قربائتن شاعرن جي زبان مان
اهڙا جملا ٻڌبا آهن تہ دل مان سدائين اها دعا نڪرندي آهي تہ:-

يارب! هي تنهنجا خلقيل اُهي ماڻهو آهن، جن سڄي حياتي پنهنجي زبان ۽
پنهنجي قلم سان، ٻوليءَ، علم ۽ ادب جي بي لوث خدمت ڪئي آهي.
انهن کي عمردراز ۽ خوشيون عطا ڪر (آمين)

مخدوم جميل الزمان 'جميل'

23 جون 1994ع
خميس
ڊفينس بنگلو، ڪراچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي جي شاعري ۾ موسيقيت

جنهن شاعري ۾ موسيقيت ناهي، ان کي عوامي شاعري نٿو چئي سگهجي. عام ماڻهوءَ کي ويجهي شاعري آهي ئي اُها جنهن ۾ رواني ۽ موسيقيت موجود آهي. موسيقيت لفظ جڏهن اسان استعمال ڪيون ٿا تہ ان ۾ گهڻيون ڳالهيون شامل هجن ٿيون.

مثلاً ٻولي جي سادگي ۽ عام فهمي، بحر ۽ وزن جو پورو هئڻ ۽ ردم، اهي سڀ خوبيون مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جي شاعري ۾ هڪ وڏي مهارت سان موجود آهن، سندس لکيل غزل هجي يا وطن جو گيت، ڪلام هجي ياڪافي ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ڏاڏاهي صاحب اها شاعري لکي ئي ڳائڻ لاءِ هجي، هونءَ بہ زندگيءَ ۾ موسيقيت جو تعلق تہ جنم جنم ڪان آهي.

زندهہ وجود جي هر رڳ ۽ دل جي هر ڌڙڪن جو ردم جيڪڏهن رباب نہ ٻڌجي تہ زندگي فنا جي حد اورانگهي ويندي آهي. ڪائنات جو هر انداز سُريلو آهي ۽ موسيقيءَ سان لبريز آهي.

مُرشد لطيف انهيءَ ڪري ئي فرمايو تہ :-

نہ ڪي عرش نہ ڪرسي، نڪي اُڀ نہ ڀُون
تِهان اڳي مون، هئي سُئي تند تنبور جي

شاعر جو هر لفظ جيڪڏهن موسيقيءَ سان ڀرپور ناهي تہ اُن جو فن اڌورو آهي. سنڌ ۾ ماضي توڙي حال ۾ جيڪي ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن، تن جي شاعريءَ جي صدين تائين جيئڻ جو ڪارڻ بہ رڳو موسيقي آهي. مُرشد لطيف تہ پنهنجي شاعريءَ کي موسيقي جي سُرن ۾ ورهايو ۽ سنگيت جو ئي عنوان ڏنو. اهوئي ڪارڻ آهي جو اڄوڪو شاعر بہ انهيءَ وڙ سان مالا مال نظر اچي ٿو، انهن شاعرن ۾ سائين مرتضيٰ ڏاڏاهي سر موڙ شاعر جي حيثيت جو مالڪ آهي. مرتضيٰ ڏاڏاهي جي شاعري ڏات خزاني جو اهڙو املهہ موتي آهي، جنهن جي سِٽاءَ ۾ موسيقيءَ جا سوين لطيف ۽ ڪومل سُر سمايل آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ معاملي ۾ سندس هر هڪ سِٽَ ساهه کڻندي محسوس ٿيندي آهي. بلڪل ائين جيئن پريل بادلن مان وسندڙ بوندن، وهندڙ ندين جي لهرن، ٻهاڙن تان ڪرندڙ آبشارن، ڪنهن سُندر صورت جي سُريلي آواز ۾ ايرندڙ ٽهڪڙن يا ڪوئل جي ڪوڪ ۾ موسيقي جا سُر سمايل هوندا آهن، تيئن سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي جي شاعريءَ ۾ نازڪ بدن حسينه جي پيرن ۾ پاتل ڇير جي ڇم ڇم محسوس ٿيندي آهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جي شاعريءَ لاءِ اهو دعوا سان چئي ٿو سگهجي ته اها صدين تائين زنده رهندي ڇو ته جنهن شاعري جون پاڙون ڌرتيءَ جي مِٽيءَ ۽ ڌرتيءَ تي رهندڙ عوام جي دلين ۾ کتل هجن اها شاعري موسيقيءَ جي ويس ۾ جڳن تائين جيئري رهندي.

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جي شاعري ۾ موسيقيت جي موجودگي جي ان کان وڌي ثابتي ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته سندس شاعري سنڌ جي وستي وستي، واهڻ واهڻ ۾ فنڪار ڳائين ٿا ۽ ماڻهو پسند ڪن ٿا. شعبه موسيقيءَ سان لاڳاپيل هئڻ جي ناتي اڄ تائين سوين بلڪ هزارين نَوَن ۽ پراڻن شاعرن جو ڪلام نظر مان گذريو آهي، انهن ۾ ڏاڏاهيءَ صاحب جي شاعري ڪان مان ذاتي طور به ۽ هڪ پروڊيوسر جي ناتي به بيحد متاثر آهيان ۽ دعا ٿو ڪيان ته الله سائين سندس قلم ۾ اڃا زور ۽ طاقت پيدا ڪري، لکندو رهي، بيشڪ سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب جي حيثيت رکي ٿو.

حيدرآباد سنڌ
20 جولاءِ 1994ع

ڪوثر ٻرڙو
سينئر پروڊيوسر
ريڊيو پاڪستان حيدرآباد

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ناشر طرفان

1984 ۾ محترم سائين مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهيءَ جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”زهرو زم زم“ ڇپيو هو. جنهن جون ڪجهه ڪاپيون وڪري لاءِ منهنجي دڪان تي به آيون هيون. تعجب تڏهن ٿيم جڏهن سادي سودي ڇپائي، عام رواجي ڪاغذ ۽ سادي ٽائيٽل جي باوجود، ڪتاب جون پهتل سب ڪاپيون چند مهينن اندر ختم ٿي ويون. انهيءَ جو سبب شايد، بلڪ يقينن ڏاڏاهي صاحب جي خوبصورت شاعري هئي، نه ته ڪيترائي ڪتاب ورهين جا ورهيه دڪانن تي پيا هوندا آهن!!ڪاپيون ختم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به ڪتاب وٺڻ لاءِ ماڻهو ايندا رهيا! نيٺ مون سائين ڏاڏاهيءَ سان رابطو ڪيو. پرپاڻ ٻڌايائين ته ڪتاب جون سموريون ڪاپيون ختم ٿي چڪيون آهن.

انهيءَ ڪانپوءِ منهنجي دل ۾ خيال (شوق) پيدا ٿيو ته سائين جو ٻيو ڪتاب ڇپائجي. انهيءَ سلسلي ۾ سائين ملاقات ڪري خواهش ظاهر ڪيم!! پاڻ ڇپائين ته مونکي ڪوبه اعتراض يا انڪار ناهي. بلڪه خوشي ٿيندم! بس ايئن ئي هن ڪتاب ڇپائڻ جو پڪو پهه ڪيم!

مون هي ڪتاب ڇپائي ڏاڏاهي صاحب تي ڪو احسان ڪو نه ڪيو آهي. سچ پچ ته ڏاڏاهي سائين جو اسان سنڌي ماڻهن تي اهو حق ٿو ٿيئي ته ٻيو نه ته به سندن تخليق (شاعري) ڇپرائي پڙهندڙن ۽ پسند ڪندڙ هزارن شائقين تائين پهچايون.

هونءَ ٽنڊي الهيار جهڙي سرسبز ۽ سُکئي ستابي تعلقي جا با ذوق صاحبان جيڪڏهن چاهين ته ڏاڏاهيءَ صاحب جي ڪلام جو پورو ديوان ڇپائي سگهن ٿا. اها انهن لاءِ ڪا وڏي ڳالهه ناهي! خدا ڪري اسان جا ماڻهو پنهنجن شاعرن، اديبن، فنڪارن ۽ ٻين ڏات ڏڻين جو قدر ڪن.

بهرحال آئون پنهنجي طرفان اهو به اعلان ٿو ڪريان ته هن ڪانپوءِ ڏاڏاهي صاحب جو ٽيون شاعريءَ جو ڪتاب به ڇپائي پڙهندڙن ۽ پسند ڪندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندسُ.

آخر ۾ آئون گنج بخش ڪتاب گهر حيدرآباد جي مالڪ عثمان ڀائيءَ جو شڪريو ادا ٿو ڪريان جنهن صاحب هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ اسان سان سٺو سهڪار ڪيو.

خواجه ديدار علي ’بيدار‘
مالڪ ديدار بڪ ڊيپو
ٽنڊوالهيار سنڌ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنھنجي پاران

1984ع جو لڳ ڀڳ سڄو سال آئون ڪراچي ۽ حيدرآباد جي مختلف اسپتالن ۾ داخل رهيس يا وري پنھنجي گهر ۾ بيماريءَ جي بستري تي ڊاڪٽرن جي علاج هيٺ رهيس، بيماري ٻه ڪا معمولي نه بلڪ اهڙي پوزيشن ۾ هوس جو منھنجو هڪ اديب دوست ڊاڪٽر پرڏان چوندو آهي ته انهيءَ عرصي ۾ رات جو دير سان ڪا ٽيليفون جي گهنٽي وڄندي هئي ته آئون ڇرڪي پوندو هوس ۽ ائين سمجهندو هوس ته ڀڪ سان اهو ڏاڍاهيءَ جو چاڻ هوندو!

پر الله تبارڪ وتعاليٰ ڪي اجا ڪن امتحانن ۽ آزمائشن لاءِ بچائڻو هو. سو بچي ويس!! انهيءَ وچ ۾ منھنجن دوستن ۽ همدردن منھنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو ”زهرو زمر زمر“ تڙ تڪڙ ۾ ڇپائي وڌو ته متان مري وڃي، تنھن کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪتاب ته ڏسي خوش ٿيئي!

بهرحال ڪتاب ڇپجي ته ويو پر منھنجي بيمار هجڻ سبب پروف صحيح نموني چيڪ نه ٿي سگهيا، جنھن ڪري ڪوڙ ساريون غلطيون رهجي ويون، پوءِ به الله جل شانهٗ جي ڪرم ۽ دوستن جي مهربانين سان اهڙي سادي سودي ڇپائي ۽ سادي ڪاغذ هئڻ جي باوجود به ڪتاب جون سموريون ڪاپيون ختم ٿي ويون، ”زهرو زمر زمر“ جو مهاڳ سنڌي ٻوليءَ جي برک ليکڪا محترم ماهتاب محبوب صاحبه لکڻ فرمايو هو، جنھن جو آئون هميشه ٿورائتو رهندس. ”زهرو زمر زمر“جو مهورت 12 جولاءِ 1985ع ۾ سنڌي زبان جي خوبصورت شاعر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي اسٽيشن ڊائريڪٽر محترم عنايت بلوچ صاحب ڪيو هو، جڏهن ته تقريب جي صدارت نامور اديب ۽ ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر مانواري عبدالقادر منگي صاحب ڪئي هئي.

ان کان پوءِ ڪافي عرصو گذري ويو، يار، دوست پڇندا رهيا ته ٻيو ڪتاب ڪڏهن ٿا ڇپايو؟ پر آئون پاڻ ۾ اهو ست ساري نه سگهيس جو هن مهنگائيءَ جي دؤر ۾ ڪتاب ڇپائي سگهان. ليڪن ڪجهه مهينا اڳ ديدار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بڪ ڊيپو جي مالڪ ۽ منهنجي پياري دوست خواجه ديدار علي "بيدار" مونکي چيو ته اوهان جي پهرئين ڪتاب "زهرو زم زم" جي اجا تائين ماڻهو اسان کان پڇا ڪندا رهن ٿا، اوهين ٻيو ڪتاب ڇو نٿا ڇپايو؟

مون کيس پنهنجون مالي مشڪلاتون ۽ مجبوريون ٻڌايون، خواجه صاحب هڪدم چيو ته اوهين ڪلام ڏيو، ڪتاب آئون ٿو ڇپايان! سو اهڙيءَ طرح هي ڪتاب ڇپجي اوهان پڙهندڙن تائين پهتو آهي، هاڻي اهو اوهان تي منحصر آهي ته ڪهڙي موٽ ٿا ڏيو؟ بهرحال آئون خواجه ديدار علي "بيدار" صاحب جو بيحد گهڻو شڪر گذار آهيان !!

هن ڪتاب "تون پارس آئون لوهه" جو مهاڳ (پيش لفظ) سنڌي ٻوليءَ جي خوبصورت شاعر، نهايت ئي بااخلاق باوقار ۽ پياري شخصيت، طالب المولىٰ اڪيڊمي هالا جي چيئرمين قبله مخدوم جميل الزمان "جميل" صاحب جن لکڻ جي تڪليف فرمائي آهي، جنهن لاءِ آئون سندن تمام گهڻو احسانمند آهيان، قبله "جميل" سائين جن جي ذڪر سان مونکي سنڌ جي قداور ادبي، علمي، سياسي، سماجي ۽ روحاني شخصيت محسنِ ادب قبله حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ سائين جي سهڻي صورت اکين جي اسڪرين تي چوڏهين جي چنڊ جهڙي چٽي نظر اچي رهي آهي. پاڻ اسان کان 11 جنوري 1993ع تي جدا ٿي وڃي پنهنجي مالڪ حقيقي سان مليا، سندن دکدائڪ وفات جو ڏک سندن خاندان، مريدن، خادمن ۽ وسيع حلقهءِ احباب سان گڏ مونکي به ايترو ٿيو جنهن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي.

قبله حضرت مخدوم محمد الزمان طالب المولىٰ صاحب جن سان ناچيز جي نياز مندي، سندن خدمت ۾ حاضري ۽ خط وڪتابت جو سلسلو ورهين کان وٺي آخري وقت تائين قائم رهيو، هونءَ ته پاڻ هر هڪ جا مشفق ۽ مهربان هئا، ليڪن مون تي ڪيڏا مهربان هوندا هئا، ان جو ڪاٿو ڪرڻ يا تفصيل سان بيان ڪرڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي، پر مختصرً ته پاڻ هر ڪاچ ۾، مشاعرن جي محفلن ۾، ادبي ڪانفرنسن توڙي سماجي سڏن ۾ سدائين مونکي ياد ڪندا هئا ۽ منهنجي هر هڪ خط جو جواب باقاعدگيءَ سان لکندا هئا. سندن سمورا خط مون وٽ موجود ۽ محفوظ آهن، جيڪي بلاشبه مون لاءِ قيمتي سرمايو آهن، پاڻ هر عيد تي، عيد ڪارڊ به موڪلڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عنايت جي عنايتن لاءِ سندس ممنون ۽ مشڪور آهيان.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي سينئر پروڊيوسر ۽ شعبهءِ موسيقي جي انچارج مانواري ڪوثر ٻرڙي صاحب جو به ٿورائتو آهيان جنهن صاحب منهنجي ڪلام ۾ موسيقيت ۽ ردم جي باري ۾ پنهنجي خوبصورت ۽ قيمتي خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

منهنجو بابا سائين سيد امام الله شاهه ڏاڏاهي جيڪو فارسي ۽ عربيءَ جو سٺو ڄاڻو هو، تنهن مونکي پنهنجي ڄاڻ مطابق تعليم ۽ بهترين تربيت سان نوازيو، جنهن جي ڪري ئي منهنجي طبيعت جو لاڙو ٻين شوقن، شغلن بجاءِ ادب ڏانهن ٿيو. پاڻ آڪٽوبر 1981ع ۾ ٽنڊي الهيار ۾ وفات ڪيائين. الله پاڪ کيس جنت ۾ جايون ڏي (آمين)

16 جنوري 1989ع تي منهنجو نوجوان لختِ جگر سيد شير محمد شاهه ڏاڏاهي مختصر علالت بعد اوڻيهن ورهين جي عمر ۾ اسان کان جدا ٿي ويو مالڪِ حقيقيءَ سان مليو الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس عطا ڪري (آمين) مون جهڙي ڪمزور انسان لاءِ اهو تمام وڏو صدمون هو، پر شايد انسان جبل کان به ڏاڍو آهي، سو سڀ ڪجهه صبر سان سهي به جيئان پيو!! مون پنهنجن ٻن پٽن سيد جاويد حسين شاهه ڏاڏاهي عمر 20 سال، سيد سجاد علي شاهه ڏاڏاهي عمر 15 سال ۽ ٻن نياڻين کي پنهنجي وس ۽ وسيلن آهر تعليم ڏياري ۽ تربيت ڏني آهي، الله سائين کين صالح ڪري، وڏي حياتي بخشي ۽ خوشيون عطا ڪري (آمين).

"زهرو زم زم" ۾ ڇپيل ڪجهه اهڙا ڪلام جن ۾ پروفن جون تمام گهڻيون غلطيون رهجي ويون هيون، اهي ڇُڪون درست ڪري ٻيهر هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته باقي سمورو ڪلام نئون آهي.

"تون پارس آئون لوهه" جي ٻهرين پروف ريڊنگ لاءِ ايس، ايم هاءِ اسڪول ٽنڊوالهيار جي قابل استاد جناب علي نواز خان ڪوسي جو ٿورائتو آهيان.

ٻئي ڀيري پروف مون پاڻ چيڪ ڪيا آهن، تنهن هوندي به ڪا ڀل چُڪ رهجي ويئي هجي ته معذرت خواهه آهيان. انهيءَ کان سواءِ "تون پارس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئون لوھ" ڪمپيوٽر تي ڪمپوز ڪندڙ بشير جمالي صاحب جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن سٺو سهڪار ڪيو. 24 ڊسمبر 1992ع تي ٽنڊو الهيار جي مهربان دوستن مون سان هڪ ادبي شام ملهائي هئي ۽ تاج پوشيءَ جو اعزاز بخشيو هو، انهيءَ پر وقار تقريب جو خاص مهمان ناميارو خوبصورت شاعر محترم عنايت بلوچ صاحب هو ۽ صدارت ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊوالهيار ۽ شاعر محترم محمد عثمان منگي صاحب ڪئي هئي، جڏهن تہ جناب ڪوثر بُرڙو صاحب اعزازي مهمان هو، آئون انهن ٽنهي صاحبن ۽ بزم مرتضيٰ جي مڙني مانوارن عهديدارن ۽ ڪارڪنن جو بيحد گهڻو شڪر گذار آهيان.

آخر ۾ اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ هن ڪان پوءِ حمديہ، نعتيہ، مناجات ۽ منقبت جو ڪتاب، واقعاتي نظمن ۽ مزاحيا شاعريءَ جو ڪتاب ۽ "زهرو زهر" جو ٻيو ايڊيشن ڇپائڻ جو پڪو ارادو آهي، دعا ڪندا تہ الله جلشانهٗ دل جون تمنائون پوريون ڪري (آمين)

تون سَپڙ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهہ،
تون پارس، آئون لوهہ، جي سَڄڻ تہ سون ٿيان. (شاهہ)

سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي
ٽنڊوالهيار سنڌ
15 سيپٽمبر 1994

SHER ALI CHANDIO
SINDH
CHANDIA GOTH QASIMABAD

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پٿائي پلارا

سوين پال تنھنجا پٿائي پلارا
سدا توکي ساريون، پيا پريت وارا

ڪٽيو نيڻ نوري، نمائي نھاري
سکن تولئہ سُھڻا، ڪينجھر جا ڪنارا

سسئيَ ڪاڻ سچ ۾، بٽين راھ رھبر
ڪنيا پير توئي، پنھوءَ جا پيارا

سٽي شال سھٽي ۽ ساھڙ جا سڏڙا
اچن عاشقن جا، اجان پيا اشارا

رُسي ويھ نہ راڻا، اچج ماڳ موٽي
ڪريو ڪاڪ ساري، وتي ويس ڪارا

سوا تو نہ سمجھي، ڪو بيجل جي ٻولي
ٻلي پيو سدائين، وڄائي نغارا

ڪنيون تونہ مارئي جون؛ ڪنھن پر مياروُن
پلا چو نہ مرڪن، پوءِ مارو موچارا

اٿئون آس واريون اکيون، اڄ بہ توڏي
لھج سار سنڌڙي جا، سيد سونھارا

مداحي سنڌئي مرتضيٰ، آھي سائين
ثنا خوان تنھنجا، ٻيا پي ھزارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اي، طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

آ، سنڌ کي تو تي ناز سدا
اي، طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

تون عالم، شاعر دانشور
ڇا فهم فراست، تنهنجو فڪر
هر هڪ جي زبان تي آهِ ذڪر
هر وقت، هميشه، صبح ومسا
اي طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

تنهنجي سهڻي صورت ڇا چئجي
من موهڻي مورت ڇا چئجي
سيرت جي حقيقت ڇا چئجي
ٿيون خوبيون توکي خاص عطا
اي، طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

تولئہ جوان، ٻُڍا ۽ ٻار، رُنا
سڀ دوست ۽ خدمتگار، رُنا
ڪئين ڏات ڏڻي فنڪار، رُنا
جي دلبر توکان ڌار ٿيا
اي، طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

تو ڪنهن کي ڏکايو ڪونہ ڪڏهن
ڪو روح رنجايو ڪونہ ڪڏهن
ڪنهن سان بہ وڄايو ڪونہ ڪڏهن
مڙني سان محبت، مهر وفا
اي، طالب مولئِ سنڌڙيءَ جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُئين هر هڪ جيلئہ ڇانوَ ڇپر
پانَهَن تي سدائين ٻاجهہ نظر
تي پلپل ورتي خير خبر
تو ايرن تي احسان ڪيا
اي،طالب مولئٰ سنڌڙيءَ جا

تو ياد اچين تون، تنهنجو قسم
تنهنجي هجر ۾ نم، آهين چشم
تنهنجا خطڙا سانڍي، رکيا اتم
جي مون ڏي تو محبوب لکيا
اي، طالب مولئٰ سنڌڙيءَ جا

شل تنهنجا فرزند شاد هجن
۽ پوٽا ڀي آباد هجن
سڀ شاد ۽ زنده باد هجن
لڳي تن کي ڪو سِي ڪا نہ هوا
اي، طالب مولئٰ سنڌڙيءَ جا

مخدوم هجن ۽ پير هجن
شل علم، عقل جا وير هجن
۽ پاڻ ۾ سڀ ڪنڌ ڪير هجن
آ، ڏاڏاهي جي دل جي دعا
اي، طالب مولئٰ سنڌڙيءَ جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ايندا محب وري

ايندا محب وري، پوندا نيڻ ٺري
تـات اهـا تـمـ تـن ۾ الا

محـبـت جـي مـذكـور جـي
آهــي ڳــالهـ ڳــري

دلـــڙي درد فـــراق ۾
كـيـئي چـاهـ چـري

كنـدا ڏادي قـرب مـان
ٻـولـي ٻـاجـهـ ڀـري

محبـن ڏاران مـرتـضـيٰ
مـنـهـنجي كـانـ سـري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# زمانا ياد ايندا ويا

ڏسي سھڻا سوين، گذريل زمانا ياد ايندا ويا
محبت، عشق جا، وسريل فسانا ياد ايندا ويا

حسين شامون، حسين راتيون، پيارا پِرت جا ڏينھڙا
سمان لطف ومسرت جا سھانا ياد ايندا ويا

مٺو مصريءَ کنان مرڪڻ، پلا وسري ته ڪيئن وسري
رُسڻ ھُن جو، سندم آزيون ۽ جانا ياد ايندا ويا

اکيون ڪاريون، پرون جاڙا، حسين ھٿ، پير، پيشاني
نگاھِ ناز جا دل تي نشانا ياد ايندا ويا

اسان جا عرض ۽ آزيون، اچڻ جي لئه عجيبن ڪي
صنم جا بي سبب حيلا، بھانا ياد ايندا ويا

ورھين جا ورھيه الفت ۾ جتي گڏجي گذارياسين
خدا جو سُنھن، اُھي اڄ آستانا ياد ايندا ويا

مڙئي منظر اکين آڏا، تصور ۾ اچي مڙيا
سمورا يار دل وارا يگانا ياد ايندا ويا

تيا تي من گھريا مھمان اچي جن آستانن تي
اُھي محبوب ۽ مھمان خانا ياد ايندا ويا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڙئي ماڪئان مٺا ماڻهو، رهاڻيون روح واريون سڀ
پـيارا گيت ۽ سنگيت، گانا ياد ايندا ويا

نڇاور ناز دلبر تان، ڪيا جي مرتضيٰ مـوتي
لُٽايل سي خوشي جا اڄ خزانا يـاد ايـنـدا ويـا.

**نـوٽ:**

**هن غزل جو مطلع قبلہ طالب المولیٰ سائين جن 2 سيپٽمبر 1972ع تي لنڊن مان خط ۾ لکي موڪليو هو ۽ سندن حڪم موجب باقي مصرعون (بند) مون لکي سندن خدمت ۾ پيش ڪيا، پاڻ پسند فرمايائون**

**(ڏاڏاهي)**

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنهنجي آهيان

چوري چڏم تون،
اڳلي، سڳلي تنهنجي آهيان

هيءَ حياتي آهي جاني
ڏينهن مڙيئي ڏون

دنيا ساري مطلب واري
پيارا پرکيسون

تنهنجي درشن لاءِ دلارا
باسيم ڪئين باسون

مونکي مار نہ منهنجا سائين
مون ۾ آهين تون

ڏاڏاهي ڪي تون ئي ڏيندين
دردن جو دارون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# املھ انسان

ماڻھو مور مھان ھئا
ڪيڏا، املھ انسان ھئا

ايندي محبت مڻ ڏنائون
ويندي ويرم ڪا نہ ڪيائون
ڏينھن پہ تي مھمان ھئا

صورت، سيرت پاڪ پياري
ٻولي مِٺڙي ۽ ٻاجھاري
سھڻن جا سلطان ھئا

رھجي ويڙا خواب اڌورا
ڪين ٿيا، سي سپنا پورا
آسون ڪئين ارمان ھئا

ڏاڏاھي جن ڏيڍ ڏنا تي
ڏک ۽ سک ۾ جاني جيڪي
دردن جو درمان ھئا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# محبت ڌاران ماٺھو ڪھڙو

آءُ تہ پرچون پاڻ
محبت ڌاران ماٺھو ڪھڙو

ڪُلفت مان ڪجھ ورٺو ناھي
اُلفت اوري آڻ........

ڇڏ رُساماں راٺا ريجھي
ڪريون روح رھاڻ......

وِره وڇوڙي آھي آندي
اکڙين ۾ آلاڻ........

پيدا پنھنجي پيار سان ڪريون
ساھن ۾ سُرھاڻ........

آھي انئي پھر اندر ۾
تو ڏي تاٺو تاڻ........

ويھ تہ جاني تھنجي ڪريان
وصفن جي واکاڻ ........

نينھن نباھي توڙ ڪنداسين
حاڪم سائين ھاڻ.........

آھون، دانھون اصلئون آھن
عشق سندا، اھڃاڻ..........

ڏاڍاھي ڪان ڏور نہ ٿيجان
ٻي جي ڪانھي ڪاڻ......

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڳوليان پيو

مان ته ورهين کان، وفا ۽ دوستي ڳوليان پيو
بس، چريو آهيان، جو دنيا ۾ خوشي ڳوليان پيو

جا حياتي ڪنهن کي، اوکيءَ ويل جيڪر ڪم اچي
بس اُهائي زندگي ۾، زندگي ڳوليان پيو

حضرتِ انسان جي، جا روح کي روشن ڪري
مدتن کان مان ته اهڙي روشني ڳوليان پيو

صورتن سان سيرتون، جنهن ۾ اچن پڌريون نظر
مان اندر پنهنجي ۾ اهڙي آرسي ڳوليان پيو

ننڍ وڏائي، نٽ نانگر جي نه ڪا چاهت هجي
سا سڄي سنسار ۾ يَر سادگي ڳوليان پيو

ساز سُرندي تي سُريلا ٻول ٻيجل جا ٻُڌي
سُر مٿي جو سِر ڏيئي، اهڙو سخي ڳوليان پيو

محل مومل جو نه اُت آهي، نه راڻو مينڌرو
ڪاڪ ڪنڌين تي اڳوڻي تازگي ڳوليان پيو

سچل، سامي، شهه عنايت، لال لاکيڻو لطيف
ڪن صدين کان اهڙا سائين آدمي ڳوليان پيو

ڪونه ڪو ڏکيو، بکيو، مظلوم، ويچارو هجي
عدل، انصاف و امن آسودگي ڳوليان پيو

مرتضيٰ ماحول کان جيڪا بڻائي بي نياز
سچ ته اهڙي يار هاڻي، شاعري ڳوليان پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جيءُ جياري وجبا

ڏينهن ڏکن جا، گهاري وجبا
ٻول وچن سڀ، پاري وجبا

موج پرئي مهراڻ مان مرڪي
ٻيڙا پار، اُڪاري وجبا

آڏا پربت آيا پي جي
ڏونگر سارا، ڏاري وجبا

طوفانن کان ڊڄڻو ناهي
واچن جا رُخ واري وجبا

مغمومن کي مُرڪون ڏيئي
جهوريل جيءُ جياري وجبا

مشڪل ڪائي، مشڪل ناهي
اوکا ٽاڻا، ٽاري وجبا

پرين پاڙي اڏيل پکڙا
سهڻن لئه سينگاري وجبا

مرتضيٰ پنهنجن محبوبن کي
امرت جا ڍُڪ پياري وجبا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جيئندا آهن

ڏک نہ ڪنهن کي ڏيندا آهن
سڀ ئي جڳ جڳ جيئندا آهن

ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ وجهي، جي
سورهہ سچ سليندا آهن

پاڻ پڌر ۾ ڏينهن گذاري
ڪن جا گهر اڏيندا آهن

ڏک ۽ سک ۾ کلندي ڪڍندي
جيڪي وقت ڪٽيندا آهن

اڳڻ هلي جي آيو ڪوئي
گهوري گهوري ويندا آهن

مرتضيٰ ڪنهن جي مهل ڪرڻ کان
موُر نہ مُنهن موڙيندا آهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# گڏجي رھڻ گھران ٿو

تو ساڻ منھنجا جاني، گڏجي رھڻ گھران ٿو
پنھنجو بڻائي توکي، تنھنجو ٿيڻ گھران ٿو

منھنجي اکين جي اڳيان، ھڪ تون ئي تون ھجين بس
مان رات ڏينھن تنھنجي صورت ڏسڻ گھران ٿو

توڪانسواءِ سچ پچ محفل سُڃي سُڃي آ
ھر سٽ ۾ توکي سھڻا سائين سڏڻ گھران ٿو

ھٿ ادب مان ٻڌي ٻئي، سرڪار سر جُھڪائي
مان پاڪ پير تنھنجا پيارا چمڻ گھران ٿو

جئين منھنجي دل چري آ، تيئن تنھنجي دل بہ آھي
ھڪ سوال ڪان اھڙو پڪ سان پڇڻ گھران ٿو

ھڪ ڏينھن ھِت ھلي آ، دلدار دوبدو ٿي
ڳالھيون ھزار دل جون توسان ڪرڻ گھران ٿو

محبوب مرتضيٰ ڪي چاھين، ڪٿي نہ چاھين
مان در نہ تنھنجو دلبر ھرگز ڇڏڻ گھران ٿو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منهنجي ديس ۾

چهنڊو چانڊاڻ آ، چوڌار منهنجي ديس ۾
گس گهٽيون، گهر گهر، گل وگلزار منهنجي ديس ۾

خوب کيتن ۾ ڪتوري، ساوڪون سهڻيون لڳن
اڇ پسي نرمل نظارا، نيڻ منهنجا ٺا ٺرن
هر هنڌان هيرون اچن، هُٻڪار منهنجي ديس ۾

محبتي ماڻهو مٺا ۽ مسرتون ميسر مدام
رات توڙي ڏينهن هِت، آهين عيدون ڄام جام
ڪن ڪلي ڪينڪار، خوش گفتار، منهنجي ديس ۾

هي زمين زرخيز ساري، جهنگ جهر آباديون
روح کي راحت رسي ٿي اچ ڏسي شادابيون
ڪوڙ قدرت جا عجب اسرار منهنجي ديس ۾

مرتضيٰ منهنجي وطن جي آهي، هر ڪاشي حسين
هت خوشي جا گيت گونجن، خوش گذاريون ٿا اسين
دلبري آ، دوستي آ، پيار منهنجي ديس ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جسم خوشبودار ۾

شاھ گل آھين گلن ۾ ، گلشن وگلزار ۾
مست آھيان مان پرين، تنھنجي حُسن هُبڪار ۾

ملڪ ۾ ناهي مناڪو، ناز تنھنجي جو نظير
تنھنجي خوشبو جو نہ ثاني، مشڪ، عطر ۽ عنبير
سر بسر سُرهاڻ آهي، جسم خوشبودار ۾

ڳل گلابي، چپ گلابي، تون سچو سارو گلاب
وار ڪارا، ڏند موتي، ٻئي ڀرون جاڙا جناب
مَتَ نہ تنھنجو ڪو سُجهي سھڻا سچڻ سنسار ۾

هٿ نرم، ريشم قدم ۽ سَروَ قد، سھڻو بدن
تنھنجي رخ جي روشني سان ٿو رهي روشن چمن
آ مزو، تنھنجي منا، رفتار ۾ گفتار ۾

مرتضيٰ محبوب تنھنجو معتقد آهي مريد
پيو ڪري هر روز دلبر ديد تنھنجي ساڻ عيد
پنھنجي خادم جي اٿئي پارت پيارا پيار ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بيوفا تنهنجي ڪري

دربدر دلگير آهيان دلربا تنهنجي ڪري
پيو سهان سڪ سوز ۾، سهڻا سزا تنهنجي ڪري

منهنجي تڪليفن جو تو تي اُف، نہ ڪوئي اثر ٿيو
گهر ڇڏي بس، بر وَسايم بيوفا تنهنجي ڪري

تون رهين مسرور ۽ مسرت ڀري محلات ۾
ٿو وتان مهجور مان رلندو سدا تنهنجي ڪري

عشق ۾ افسوس مون، اغيار ڪي آزيون ڪيون
ڇا ڀڏايان ڀيو ڪيو مون، ڇا نہ ڇا تنهنجي ڪري

شوق شاهي سڀ ڇڏيا مون ۽ پيس ٻڻجي فقير
سرڪيم توتان فدا ۽ تس فنا تنهنجي ڪري

توکي منهنجي حال هيڻي جي ڀلا ڪهڙي خبر
دل قتيل دلدار آهي، مرتضيٰ تنهنجي ڪري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جاني شال جواڻ هجين

منهنجا جاني شال جُواڻ هجين
رڳو منهنجو هجين، مون ساڻ هجين

شل توکي ڪوسو واءُ نہ لڳي
تون چوڏهين جي چانڊاڻ هجين

پل سهٽا سوين سينگار بہ ڪن
تون سيني جو سرواڻ هجين

تنهنجي دل ۾ منهنجو ديرو هجي
منهنجي مَن ۾ تون مون ڪاڻ هجين

مان تنهنجي سِڪ جو سمنڊ هجان
تون محبت جو مهراڻ هجين

سڀ گل ڦل تنهنجا پير چمن
تون سونهن هجين سرُهاڻ هجين

تنهنجو ڪونہ ڪٿي ڪو نظير ملي
بس پنهنجو مَٽ تون پاڻ هجين

مان مور پرين، اٿين چاهيان تو
جيئڻ اڳ ۾ هُئين، تئين هاڻ هجين

مان تنهنجي قرب جو ڪڪر هُجان
تون مينهن سندو ماندڻ هجين

تنهنجومرتضيٰ محب مريد هجي
تون مُرشد ۽ اڳواڻ هجين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جي مرڪي ملين

مون سان مرڪي ملين، تہ سور وسري وڃن
جي تون رات رهين، تہ سور وسري وڃن

تولئہ سهڻا صنم، ڏک ڏاڍا ڏنم
ويهي قرب وندين، تہ سور وسري وڃن

تنهنجو ديد مثل، آهي عيد مثل
اچي خوش ٿي کلين، تہ سور وسري وڃن

مون تي مهر ڪري، پيارا پير پري
هلي اڱڻ اچين، تہ سور وسري وڃن

ملي مرتضيٰ کي، پرين پنهنجو سڏي
وري ڪين وڃين، تہ سور وسري وڃن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غلطي تي وئي

ٿي ويو پندرهين صدي ۾، پيار غلطي تي وئي
دل لڳيءَ ۾ دل لڳي دلدار غلطي تي وئي

هئي تمنا ڪا نہ هائي ۽ نہ ڪائي آرزو
ٿي ويون نظرن سان نظرون، چار غلطي تي وئي

پشم جهڙا پيرڙا، محبوب جا ميندي ءِ رتا
چير جو جنهن دم ٻُڌم ڇمڪار غلطي تي وئي

نيهن لائڻ ڪان هميشہ لاءِ تو بہ ڪئي هُيم
پر خدا ڄاڻي تہ ڪيئن، پيهار غلطي تي وئي

عاشقن جي آهہ وزاري تي سدا کِلندو هوس
اڄ کِلي مون تان پيو، سنسار غلطي تي وئي

هڪ تہ مهنگائي مـلاوت دوٻُڌو تاڙا ڦُرون
عشق آفت جو پيو، آزار غلطي تي وئي

دل دکائي ڪين ڌارين جي هٿان اي دلربا
پاڻ پنهنجن هٿن سلن، مار غلطي تي وئي

مرتضيٰ کي محب سورن جي سزا ڏيئي ڇا ڪندين
معاف ڪر مُرڪي مِٺا، مننار غلطي تي وئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# واٽ تان واري ڇڏيو

زماني خوب سيڪاري ڇڏيو آ
ڪڏهن جيتي، ڪڏهن هاري ڇڏيو آ

جني سان گڏجي نڪتاسين سفر تي
انهن يي واٽ تان واري ڇڏيو آ

الاجي ڪنهن ڪري تعويذ ڦيٽا
اسان جو ٻاڳ ٻيهاري ڇڏيو آ

پرين پنهنجا قسم پاري نه پاري
اسان پنهنجو وچن پاڙي ڇڏيو آ

سدائين ياد آهي، ياد رهندو
ٻلي هُن من تان ميساري ڇڏيو آ

هئي ترياق جي اميد جن مان
تن ئي قاتل زهر پياري ڇڏيو آ

دريائي زندگي جي تيز لهرن
ڪڏهن ٻوڙي، ڪڏهن تاري ڇڏيو آ

صنم جي عشق ۽ ماضي جي يادن
مرڻ ڪان مهندئي ماري ڇڏيو آ

اهو ڏک مرتضيٰ ڪي آهي يارو
وساري پنهنجي دل واري ڇڏيو آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خزانا ختم ٿي ويا

اڳوڻا زمانا ختم ٿي ويا
وفا جا فسانا ختم ٿي ويا

پکيئڙا وڳر ڪان ويا ھاءِ وڇڙي
سندن آشيانا ختم ٿي ويا

جتي مور محبوب ماڻھو ھئا
اھي خاص خانا ختم ٿي ويا

رھيا روح راڻا نہ راڻيون رھاڻيون
اصل آستانا ختم ٿي ويا

جني جي سُڻي سان ٿي آيو سُرور
اھي گيت گانا ختم ٿي ويا

شروع پاپ ميوزڪ مٿي ناچ ٿيو
پُراڻا ترانا ختم ٿي ويا

گھٽوئي جياسين اُميدن تي پر
ھا، سَپنا سُھانا ختم ٿي ويا

نٽائي، نٽائي بہ ھڪ ڏينھن نيٺ
صنم جا بھانا ختم ٿي ويا

تڏھن مرتضيٰ کي ھو آيو ملڻ
جڏھن سڀ خزانا ختم ٿي ويا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪلي نيڻ تہ ڪڻ

ڪلي نيڻ تہ ڪڻ، منهنجا سهڻا صنم
لهي دل تان وڃن، سڀ گوندر غم

پيو اهڙيون سڻائون روز سڻيان، تنهنجي پر ۾ هجان توکي وڻو ڏسان
تنهنجا پاڪ پيارا پير چمان
منهنجا مور پرين مونکي تنهنجو قسم

تنهنجو مَٽ نہ مِنا ڪو ثاني آ، تنهنجي ديد لئہ دل ديواني آ
تولئہ جان بہ حاضر جاني آ
پري قرب سندا تون آءُ قدم

تون آهين تہ سڀ ڪجهہ آهِ پرين، تنهجي پيار سوا ڪجهہ ناهِ پرين
اچي نور جون نديون واهہ پرين
منهنجا محب منور ماهہ وانجهہ

تنهنجو مرتضيٰ عاشق آهي سڄڻ، تنهجي نازو ادا تان گهور وڃڻ
تنهجي سونهن کي سهڻا سجدو ڪرڻ
آهي عين عبادت، دين ڌرم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪانگ اڏاريان پئي

ساريو سهڻا سڄڻ توکي ساريان پئي
روئي راهون، روز نهـاريـان پئي

تولئہ دنگ دعائون گهوٽ گهريو، توکي دم دم دلبر ياد ڪـريو
ڏيئي وَر وَر سُهڻل سـائين وريـو
آئون ڪيڏا ڪانگ اُڏاريـان پئـي

جڏهن عشق اري ۾ اکيون اڙيون، سڪ سوز ۽ سورن منجھ سڙيون
بـس هـاڻ وهـائي لڙڪ لڙيـون
پنهنجـو انـدر عجيب اُجـاريـان پئـي

تولئہ لالڻ لِڪ ۾ وينئي لچان، تهنجا پار پتا يي ڪيئن پچان
نکو حال هينئين جو ڪنهن سان ڪچان
پنهنجي ٻـارڻ دل ۾ ٻاريــان پئـي

وري واءُ وصل جو شال وري، ڪڏهن نيٺ سڄڻ ڪا ڪهل ڪري
ايـنديـن مـرتضيٰ وٽ تـون پـيـر پـري
ايئيـن دل ڪي يـار ڏتاريـان پئـي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چنڊ تارن ۾ ڏٺم

حُسن ۾ توڪان، نہ وڌ هرگز هزارن ۾ ڏٺم
سونهن اهڙي ڪانہ سهڻا، چنڊ، تارن ۾ ڏٺم

تنهنجي رُخ جي روشني سان، جڳ منور ٿي ويو
نور تنهنجو نازنين نرمل نظارن ۾ ڏٺم

همسري توسان ڪري جو، روءِ ۾ خوشبوءِ ۾
گلبدن ڪو گل نہ اهڙو، گلعزارن ۾ ڏٺم

گھُنڊ گھورن سان گھٽائي گھوٽ گھايل ٿي ويا
اي صنم اهڙو اثر تنهنجن اِشارن ۾ ڏٺم

ڪَل نہ پئي دل قيد قابو، ڪئي ڪمندن سان قريب
واهہ جي جادوگري واسينگ وارن ۾ ڏٺم

مرتضيٰ ڪي ميل ميلاپن منجهان، مليو نہ جو
سو مزو محبوب تنهنجي انتظارن ۾ ڏٺم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پريم نگر

جنھن سان نينھن ڳنڍيندو آھيان
تنھن تان گھوري ويندو آھيان

محبوبن لئہ من ئي من ۾
ماڙيون محل اڏيندو آھيان

سونھن سندم ڪمزوري آھي
سونھن تان صدقي ٿيندو آھيان

ڪڏھن ڪڏھن پاڻ وڃائي
رڻ پٽ ۾ ڳوليندو آھيان

ڪير جو ساڙيل آھيان سائين
ڏڏ بہ ڦوڪي پيئندو آھيان

پريم نگر جي رھواسين سان
دل جو حال ونڊيندو آھيان

پاڻ مياري! پوءِ بہ ميارون
ڏاڏاھي ڪي ڏيندو آھيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڀيو ڇا ڪپي

ياڳ منهنجا، جي اڇين، ڀيو ڇا ڪپي
مان هُجان ۽ تون هجين ڀيو ڇا ڪپي

تي وچن منهنجو دعائون ڪَرَ قبول
مهه جبين مرڪي ملين، ڀيو ڇا ڪپي

ساهه ۾ توکي سدا سانڍيو اٿم
مونکي تون پنهنجو سڏين ڀيو ڇا ڪپي

تِڪ ٻڌي توکي پرين ڏسندو رهان
تون اچي ويجهو وهين ڀيو ڇا ڪپي

حال دل جو مان چوان ۽ تون صنم
پيار جون ڳالهيون ڪرين، ڀيو ڇا ڪپي

مرتضيٰ جو من اڱڻ مهڪي پوي
مور جيئن مهندان ٿلين، ڀيو ڇا ڪپي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# گهٽو پڇتائيندئين

جي منهنجوروح رنجائيندئين!
پڪ چاڻ گهٽو پڇتائيندئين!

مان تولئہ روئندو رهندس پيو،
ڳوڙهن سان مُنهن ڌوئندس پيو،
پر تون ٻہ تہ لُڙڪ وهائيندئين!
پڪ چاڻ گهٽو پڇتائيندئين !

تو مون سان پيچ محبت پاتو،
مون تنهنجو عشق عبادت ڄاتو،
ڏيئي هائي سوُر ستائيندئين!
پڪ چاڻ گهٽو پڇتائيندئين !

ڏوه آهي اهو بس منهنجو سائين،
مون توکي ائين نہ سمجهو سائين،
تہ راهن منجهہ رُلائيندئين!
پڪ چاڻ گهٽو پڇتائيندئين!

توکي چوڏهين چنڊ ۽ حوُر چيم،
توکي جاني اکين جو نوُر چيم،
سي منٺڙا ٻول ڀلائيندئين!
پڪ چاڻ گهٽو پڇتائيندئين !

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وجي ڏارين سـان چو دلڙي لاتـئـي،
ڪوڙ ۽ سچ کي ڪو نـہ سُـڃاتـئـي،
ھـڪ ڏينھن تـہ دوڪـو ڪـائـيـنـدئين!
پـڪ چـاڻ گـھـٽـو پـڇـتـائـيـنـدئين!

مجبور آھيان، مجبور نـہ ڪـر،
پنھنجي ياڳ تي ھَٺ غرور نہ ڪـر،
لائي ناتـو جـي نـہ نـڀـائـيـنـدئين!
پـڪ چـاڻ گـھـٽـو پـڇـتـائـيـنـدئين!

سـڀ واعدا، وچـن ڪـافـور ڪـري،
ھـيـئـن ڏاڏاھـي ڪي ڏُور ڪـري،
تـون ڀي، در دِلڙي لائـيـنـدئين!
پـڪ چـاڻ گـھـٽـو پـڇـتـائـيـنـدئين!

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عشق جي بازي

عشق جي بازي هاري وينس!
لائي نينهن نظاري وينس!

ايذا ظلم زماني ڪِيا جو،
پنهنجو پاڻ وساري وينس!

پنهنجن تي ويساهه ڪري يَر،
ڳٽتين ۾ دل ڳاري وينس!

رات ۽ ڏينهان روئي، ڌوئي،
پنهنجو اندر اُجاري وينس!

پل تي ويئي، ڪنهن جي اڳيان،
سيئي سوُر پچاري وينس!

قرب اندر قرباني ڏيئي،
بول وچن سڀ پاري وينس!

هيڏا سارا، سال، مهينا،
ڪنهن جي سڪ سهاري وينس!

پاڻ زهر جا ڍُڪ پريندي،
ڪنهن کي امرت پياري وينس!

مرتضيٰ متيون ڏيندي ڏيندي،
پنهنجي مت کي ماري وينس!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڏکن جي ڳالهه نڪري پئي

سکن جي ڳالهه مان يارو، ڏکن جي ڳالهه نڪري پئي
گُلن جو ذڪر، ڪرڻو هو، ڪنڊن جي ڳالهه نڪري پئي

سگهن جي سامهون سائين، اگهن جي ڳالهه نڪري پئي
نڌڪن، انگ اگهاڙن ۽ سُڃن جي ڳالهه نڪري پئي

گهٽيون ٿي پيٽ پرين جون، ٿيون ڳالهيون ڪچهرين ۾
پريِ محفل ۾ اڄ مون کان بکين جي ڳالهه نڪري پئي

مهانگائي ملاوت جو، چيو مون وياج خورن کي
نڳن اڳيان الاجي ڪيئن ، نڳن جي ڳالهه نڪري پئي

وڏيِ غلطي ٿي مونکان جو، وڏي ماڻهو جي دعوت ۾
غريبن جي سُڪل ماني ڳڀن جي ڳالهه نڪري پئي

نٽي چاهيم چوڻ، راشين، دلالن ۽ جوارين کي
مگر مونکان چندبن آڏو، چندبن جي ڳالهه نڪري پئي

پڪو پهه هو ته دلبر لاءِ سهٽي سوکڙي ونبي
ارادو ترڪ ٿيو جنهن دم، اگهن جي ڳالهه نڪري پئي

گهٽو ٿي پاڻ کي روڪيم اڳيان اختيار وارن جي
تڏهن پيي وات مان ڏاڙن، ڦرن جي ڳالهه نڪري پئي

شراب ۽ چرس هيروئن نهوڙي ناس ڪيو آهي
چڱن مهندان وري ڪارن ڏنڏن جي ڳالهه نڪري پئي

بلاشڪ پنهنجي پَل چُڪ تي مياري مرتضيٰ آهي
جو هِن بزمِ مسرت ۾ غمن جي ڳالهه نڪري پئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مردن جو شان

مشڪل ڪي منهن ڏيڻ ئي مردن جو شان آهي
هن ملڪ جو تہ هرڪو ماڻهو مهان آهي

ڏک سونهن هن سگهن، جي برحق چيو پتائي
ڪيڏي نہ پيٽ ڏٺي جي پياري زبان آهي

طوفان تيز، واهڙ ۽ وهڪرا ڪندا چا
پر عزم پنهنجو هر هڪ جوڏو جوان آهي

همت ۽ حوصلي سان ڏونگر ڏري پون ٿا
اي دوستو وطن تان، قربان جان آهي

توڪل سندوهي ترهو، لُڏندو مگر نہ ٻڏندو
ڏک سور آدمي لئہ، هڪ امتحان آهي

ڪرڻو مقابلو آ، مرڪي مصيبتن سان
ڪنهن زور ۽ زبر جي پرواهہ ڪانَ آهي

ڌرتي سندا دلاور مانجهي مٿير آهن
ان ڳالهہ جو تہ ساکي سارو جهان آهي

محنت جو مرتضيٰ تو پيغام ڏي پيارا
محنت ۾ آهي عظمت، محنت سان مان آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حسن جي هبڪار

جڏهن کان تيو پيارا، پيار آهي
صبح سانجهي اوهان جي سار آهي

نہ ڪو ماڻهو نہ ٻي وائي وٽي تي
اوهان جوئي ذڪر، اذڪار آهي

اوهين آيا تہ، اُپريا ماهہ و انجم
جهان تيو پيڪرِ انوار آهي

چمن ۾ چوطرف دلدار جاني
اوهان جي حُسن جي هُبڪار آهي

اسان لئہ جانِ من هائي جياپو
اوهان جو دلربا ديدار آهي

نگاهن لاءِ بس، نرمل نظارو
اوهان جي سونهن ۽ سينگار آهي

اجازت ڏيو پرين، پيرن چمڻ جي
عقيدت جو اهو اظهار آهي

مرتضيٰ جي ڪريو دلبر دوا ڪا
اوهان جي ٻرهہ جو بيمار آهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سونهن تان صدقي پيارا

زماني جا گل وگلزارسارا
اوهان جي سونهن تان صدقي پيارا

اوهان جي مُرڪ سان مکڙيون ٽڙن ٿيون
ڪِلو ٿا جي تہ چڻ ڪنوٽيون ڪِون ٿيون
اوهان جي ناز سان آهن نظارا

گهٽڻ ڪئي همسري، توسان حَسينن
ڪيا سينگار سؤ سؤ ناز نينن
مگر هاري ويا سڀ حُسن وارا

هوا ۾ وار ڪولي تو سُڪايا
هزارن هوش مون پارن وڃايا
مليون اکڙيون اکين سان ٿيا اشارا

پري ڪان مرتضيٰ ڪي تو پڪاري
سر محفل وٺي ويجهو وهاري
ڪري دلبر ڇڏيا وارا نيارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي گهر مهمانن وانگر

پٺڪون پيا بيگانن وانگر
دنيا ۾ ديوانن وانگر

ڪيئن ڪجي ۽ ڪنهن کي چئجي
ماڻهو سڀ مستانن وانگر

هيڏي ساري جڳ ۾ جاني
ڪو، ڪو آ، انسانن وانگر

آهن خوشيون خوب اسان جون
مفلس جي ارمانن وانگر

وقت هيو، جو پاڻ هئاسين
غربت ۾ سلطانن وانگر

پنهنجون ڳالهيون آهن هاڻي
ماضي جي افسانن وانگر

قرب ۾ تي قربان وياسين
پيارن تان پروانن وانگر

محبت ۾ ٻه ملاوت آهي
سودي ۽ سامانن وانگر

ڏاڍا هي پيا ڏينهن گذاريون
پنهنجي گهر مهمانن وانگر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# برباد ڪئي تہ ڇا ٿيو

بيدرد جي اسان تي بيداد ڪئي تہ ڇا ٿيو
بي ڏوهہ باوفا کي برباد ڪئي تہ ڇا ٿيو

مُنهنجو اسان کان موڙي، قول ۽ قرار ٽوڙي
نازڪ بدن نهوڙي، ناشاد ڪئي تہ ڇا ٿيو

ظلم و ستم نرالا، تلوار، تير، ڀالا
ايذا جي لاءِ آلا، ايجاد ڪئي تہ ڇا ٿيو

الفت سندا اوتارا، ويران بنائي سارا
بي وقت سي دوبارا، آباد ڪئي تہ ڇا ٿيو

تو مرتضيٰ کي ماري، من تان ڇڏيو ميساري
وچڙيل سدا وساري، اڄ ياد ڪئي تہ ڇا ٿيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# کهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها

اچي مرڪي يار ملين ها، تہ ڪهڙو تنهنجوخرچ ٿئي ها
بي حال ڪان حال بچين ها، تہ ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها

پنهنجي سونهن جي صدقي اي سهڻا، ڪري مهر نظر ڪا من موهڻا
ڪوني قرب ڪرين ها، تہ ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها

جي رُٺين تہ مون پر ڇايو سڄڻ، تو رُنو تہ مون تي ڪلايو سڄڻ
ڪڏهن پاڻهن پرچي پوين ها، تہ ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها

تنهنجي طبيعت ڏاڍي سخت هٺيلي، تنهنجي عادت اصلئون ڪر البيلي
جي نہ اهڙي چال چلين ها، تہ ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها

آ منٿ ڪئي مرتضيٰ ڏاڍاهي، ڇڏي پورل تِنهن سان بي پرواهي
ڪا راتڙل رات رهين ها، تہ ڪهڙو تنهنجو خرچ ٿئي ها.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اک اڙجي ويئي

بي پروا سان اک اڙجي وئي
يوڳن ۾ ئي ڳالھ وڌي وئي

ڳاڙھا ڳاڙھا، چپڙا چُريا
ساھن ۾ سُرھاڻ اچي وئي

ڏاڍو دل کي روڪيوسين پر
من موھڻي سان لوھ لڳي وئي

چوڏھين جي چنڊ جھڙو چھرو
ڏسندي، ڏسندي پِرھ ڦٽي وئي

ڏنئين مُرکي ڏاڏاھي ڏي
تر ۾ جڻ برسات وسي وئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نياپو

ڪانگا ڪج ڪا ڳالهه
منهنجي محبوبن سان

صاف سڻائج سڄڻ کي
هيڏا منهنجا حال

پيش پرين جي پيرين پئي ڪج
محبت جي ڪا مقال

ڇڻجان جاني ٿار اوهان کان
جيئڻ آهي جنجال

منٿ ڪري ٿو مرتضيٰ ياران
ساري ڇڻج سوال

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنھنجو ناھ نظير

سهڻا ڪَئين سنسار ۾ سائين، ماڻھو مير، امير
تنھنجو ناھِ نظير او جاني، تنھنجو ناھ نظير

سُهڻن ۾ تون آهين ايئن، جيئن گلڙن ۾ شه گـل
ٻول تو ٻولين منڙا چڻ ڪا، ڪوڪي پئي ڪويـل
ديد سان دلبر يار ٿيئي تو، سَرهو ساھ سرير

سونهن متي سينگار ڪري تـو، لالڻ لالي لائـي
نيڻ ڪٽي ٻئي ناز مان نرمل، گهورن سـان دل گهـائي
تن من تي ويو قرب ۾ قابو، هلي نہ ڪا تدبير

شام سويري، آڌي مانجهي، ساريو توکي ساريان
تنھنجي اچڻ جي آس تي ويٺو راتيون ڏينھن گذاريان
پلپل اکين اڳيان آهي، تنھنجي ئي تصـوير

شاد هجين، آباد هجين شل منھنجا محب سدائين
مرتضي تنھنجو آهي هر دم، ان جو يي تـون آهيـن
هجون هميشه پاڻ ۾ پيارا خير سان ٻئي کنڊ کـير

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اصلئون تنهنجو آهيان

مان اصلئون تنهنجو آهيان
بئي ڪنهن جو هرگز ناهيان
مون تي اعتبار ڪري ڏس - او مون سان پيار ڪري ڏس
تنهنجي حُسن ڏني حيراني، اوجاني
تو تو سان نينهن نيايان
پيو نيڻن نير وهايان
مون تي اعتبار ڪري ڏس - او مون سان پيار ڪري ڏس
تنهنجي اکڙين جادو لايو من گهايو
تو، توکي ڪيڏو چاهيان
مان ڪئين پلا سمجهايان
مون تي اعتبار ڪري ڏس - او مون سان پيار ڪري ڏس
تون منهنجو مالڪ آهين، اوسائين
تو تنهنجو پاڻ سڏايان
تولئہ سک جي سيج وڇايان
مون تي اعتبار ڪري ڏس - او مون سان پيار ڪري ڏس
آ، ڏاڍن سان ڏاڏاهي، دل لائي
تو عشق جي الفي پايان
تولئہ گليءِ گليءِ ۾ ڳايان
مون تي اعتبار ڪري ڏس - او مون سان پيار ڪري ڏس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لڄان ۽ پڄان

تولئہ سدا پيو سڪان
تولئہ لڄان ۽ پڄان
ڙي جاني، تون ئي چئو تہ مان ڇا ڪيان
وڻنو تنهنجون واٽڙيون
ڏيهاڙي تہ ڏسان
ڙي جاني، تون ئي چئو تہ مان ڇا ڪيان
دل تہ چوي ٿي دلربا
مرڪي تو سان ملان
ڙي جاني، تون ئي چئو تہ مان ڇا ڪيان
صبح سانجهي ساريو
تولئہ روز روئان
ڙي جاني، تون ئي چئو تہ مان ڇا ڪيان
محبت اندر مرتضيٰ
دم دم دعائون گهران
ڙي جاني، تون ئي چئو تہ مان ڇا ڪيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چئو پلا مان چاڪيان

دل ڏني مون دلربا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان
عشق ۾ ڪاڏهن خطا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

تهنجي گهر ۾ جي گهڙيون، توسان گذاريم گڏ سڄڻ
ياد آهن مون مٺا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

تون رهين پرديس پيارا، مان وطن ۾ ڪيئن وهان
ملڪ ڇڏيم مهلقا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

منهن مٽيو مونکان خوشي، بس آهي جهوري جان ۾
جانِ من توکان جدا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

حُسن تنهجي تان حَسين، حورون هزارين گهورجن
ساهه صدقي سؤ دفعا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

نرم هٿ ڳل ياد ڪريان، پير تنهنجا پَٽ گداز
زلف ابرو، لب شفا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

مهجبين تنهنجي ملڻ لئہ، رات ڏينهن روئندو وتان
سچ صنم تولئہ سدا، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

باوفا آهي رهيو ۽ باوفا رهندو سدا
محب توسان مرتضيٰ، ٻيو چئو پلا مان چا ڪيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پيچ پيو

عشق بنايو آهي چريو
مَحبت ڪِيو مجبور مسافر

ديس ڇڏيو سين، ديسي وڇڙيا
پرديسين سان پيچ پيو

اڪڙي ويو آرام اکين مان
ناز نهوڙي نيٺ نيو

عشق عطا ڪِيا، فڪر، فقيري
برھ بيراڳي آهي ڪيو

نينهن ۾ تي نروار نظاري
مرتضيٰ آ منصور ٿيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منتظر آهن

اوهان لئہ ڪئين اسان پارا، پيارا منتظر آهن
نگاهون منتظر آهن، نظارا منتظر آهن

ٿيون ٿي ڪي اشارن ٿي اشارن ۾ ڳجهيون ڳالهيون
اهي احوال دل جا ۽ اشارا منتظر آهن

ڏسي تو چنڊ چارئي پهر تنهنجون رات جو راهون
ڪَتيون ۽ ڪهڪشان، ٽيڙو، ستارا منتظر آهن

رهاڻيون روح واريون ٿيون، جني مَنَهَن ۽ ماڳن تي
ڪچهرين ڪاڻ سي ڪينجهر ڪنارا منتظر آهن

مُندون موٽيون مگر مِنٽا، نہ موٽين مرتضيٰ ڏي تون
سِگهو وَر سانولا، ساوڻ، سيارا منتظر آهن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پراڻا ماڻهو

اوهين سُريلا، سياڻا ماڻهو
اسين پُراڻا، سُراڻا ماڻهو

اهي تہ آهن اوهان جا تورا
ڇڏيو نوازي، نماڻا ماڻهو

اوهان جي قربن جو ناهي ڪاتو
اسين ويچارا، ويڳاڻا ماڻهو

اسين پلا ڇا انگل ڪنداسين
تڪل تڪل ۽ ڪُماڻا ماڻهو

اسين تہ ڪاٺو ۽ ڪچ آهيون
اوهين تہ موتين جا داڻا ماڻهو

ڀلي ڀُلايو ٻيا مرتضيٰ کي
اسين اوهان در وِڪاڻا ماڻهو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ملاقات ٿيندي

مونکي پڪ آهي توسان پيارا، ڪڏهن مور منهنجي ملاقات ٿيندي
وري ڏينهن ورندا وصل جا، ختم هي وڇوڙي، سندي رات ٿيندي

مُندي موڪلي تو نشانبر نشاني، وڏا تنهنجا تورا، وڏي مهرباني
نشاني انهيءَ جي تہ ثاني، نہ ٻي سوکڙي ڪائي سوغات ٿيندي

محبت جي مئي جا ڀرين جام پياري، مُئل دل اسان جي چڏي تو جياري
تنهنجي رخ سندي روشني ساڻ جاني، منور منهنجي من جي محلات ٿيندي

ڪيو قيد قابو تنهنجي پيار آهيان، صفا مست المست سرشار آهيان
نري پوندي دلڙي هي دردن جي ماري، جڏهن ڀر ڀر وهندين ۽ برسات ٿيندي

ميجي مرتضيٰ محب تنهنجي غلامي، سدائين پيو سهٽا پريندو سلامي
پلي وڃن گذري سوين سال سائين، ختم ڪا نہ هرگز طلب تات ٿيندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چڱو ٿيو اوهان کي به وسري ويا سين

دنيا کي نه دلبر، اسين پلد هٿا سين
چڱو ٿيو اوهان کي به وسري ويا سين

جنهن هر ڪو ملهو مٿا مهربان هو
جدائي جو دل ۾ نه وهم وگمان هو
مگر هاءِ قسمت پري ٿي پيا سين

اسان عشق جو هو اهي داءُ لايو
وڃون پيا حسين ڪنان هلر ڪليو
برهه جي نه بازي ۾ برباد ٿيا سين

گنار ويا سين گنج جي ڪي ٿنهڙا پيارا
سي ثابت مگر ٿي ويا خواب سارا
سگهن ڪان وري پوءِ ڏنڪڙا ڏٿا سين

چون مرتضيٰ کي چريو ٿا سمورا
ٿيا جنهن جي دل جا نه ارمان پورا
مقدر تي ٿنهن روات روئندا رهيا سين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جيس نہ جوڙ

هوندءَ ملڪ ۾ ماڻهو ڪوڙ سڄڻ
پر تنهنجو جيس نہ جوڙ سڄڻ

جڏهن مُرڪي مٺا چپ چورين ٿو، سڀ حال اندر جا اورين ٿو
ويهي سڪ جا سڳڙا سورين ٿو
لڳيـن سهڻن جو سر موڙ سڄڻ

پئي اکڙيون خوب خمارن ۾، دل اٽڪي ڪارن وارن ۾
هُيو اثر عجيب اشارن ۾
ڪريا قدمن منجھ ڪروڙ سڄڻ

اُهي اتگل آرا، آر ڏايون، اچ ويهہ تہ واري ورجايون
پڪا پيچ پريت سندا پايون
ڪو پاڳ ٻڌايون پلوڙ سڄڻ

ٿي عشق سان جڏهن آگاهي، ٿيا شوق شڪار الهہ واهي
بس هاڻ هميشہ ڏاڏاهي
ڪندو تينهن تباهي توڙ سڄڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تـوتـان نـثـار

خوش رهين اي خوشنما، هر ڪاخوشي تو تان نثار
زنده دل زنده هجين، هي زندگي تو تـان نـثـار

زلف عنبر بار تان، مان گهوريان مُشڪِ ختن
باغ جنـت جي گلـن جـي تازگي تو تان نثار

تـيو منور نور تنهنجي سان هي سارو جهان
چا قمر چا ڪهڪشان جي روشني تو تان نـثار

مت نه تنهنجو ڪو ادب اخلاق ۾ عالم اديب
حـسن ۽ حورن سندي پاڪيزگي تو تان نثار

صدق مان سجدو ڪري محبوب وٽ تو مرتضيٰ
عـمر ساري جي عبادت، بندگي توتان نثـار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنهنجي شهر ۾

ٿي رهڻ چاهيو سدا، گمنام تنهنجي شهر ۾
پيار، پرين بڻجي ويس، بدنام تنهنجي شهر ۾

الي مثال، تنهنجي وفا ۽ قرب، محبت، پيار جي
هر گهڙي هٺلو رهيس مان، هام تنهنجي شهر ۾

دوريون، شام و سحر، طعنا، گلائون، نفرتون
ڇا چوان، ڇا ڇا مليو، انعام تنهنجي شهر ۾

تون نه ٿئين هل، پيو جي لوڪ لوڏيو ڇا ٿيو
ڏنگ اٿم جو ٽوڪيو، ناڪام تنهنجي شهر ۾

مرتضيٰ مونٿيو وڃي سَوَ سور ۽ صدما سهي
عشق جو آخر ٿيو، انجام تنهنجي شهر ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جواني تو سندي

عجب اکين جا اشارا ۽ جواني تو سندي
دلربا جنهن دم ڏٺم ٿي دل، ديواني تو سندي

ناز مان توکئي نگه، مون نياز سان سرخم ڪيو
هار کائي دل ڏنيم، ٿي جيت، جاني تو سندي

رات ڏينهن پيو ماهرو، توکي تصور ۾ ڏسان
آهي اکين جي اڳيان پل پل، پيشاني تو سندي

تات تن ۾ هر گهڙي، آوصف تنهنجي ورد ٿي
نقش نازڪ قلب تي، ٿي وئي، ڪهاڻي تو سندي

رنج الم جو عشق ۾، تحفو عنايت تو ڪيو
من اندر محفوظ مون، سا ڪئي، نشاني توسندي

مرتضيٰ مشڪور ٿيندو، مُحب منٺڙا جيڪڏهن
منت سان بس منهن ڏيکارين، مهرباني توسندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڏاريا نيٺ ڏاريا

ڪيا قول ڪيچين، اچان ڪين پاريا
وساري هوُ وينا، نہ مون سي وساريا

پتو ڪونہ پيڙم پنهون پاڻ ويندو - ڏکـويـل کي ڏاڍا ڏکڙا ڏسيندو
ڏکن ۾ دکيءَ کان وجي دور ٿينـدو
ڪجن دوست ديسي، ڏاريا نيٺ ڏاريـا

نہ ڪيو قياس ڪيچين ڪٿو ترب ڏيئي- نشي نينهن جي ۾ کل ئي ڪـانہ پيئي
بنان ور وطن ۾ ڪنديس ڪوهہ ويهي
وچـوڙي ويا، مون وٺي جي وهـاريا

جبل جهنگ جهاڳڻ مون ورتا وهائي- لکون لڪ لڪئي ۾ مان آيس لکائي
هتي هوت ڏاران منهنجـو هـاڻ چـاهـي
سهي سوُر سختيون، صبح شام ساريا

ڏيان ڏوهہ ڏيرن يا ڏاڳهن ڏاڏاهي - نـماڻي سان ناحق بنـهي ڪئي بيائي
مـران من ڏسي مان مِنا مور ماهي
گسن گوندرن ۾، گهٽا ڏينهن گهاريا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چاٽي خدا

دِل فِدا تو لئي سدا، آهي مٺا، چاٽي خدا
ڇئو يلا ڪاڏي وڃان اي، دلربا چاٽي خدا

مرڪ تي مستان تيس، ۽ ور وڏا وارن وڏا
لئون لڳي، لاچار آهيان، لادوا چاٽي خدا

تون اچين تان عيد ڪريان عشق واري ڪا عجيب
مان ملان، ڏيندي مبارڪ، مرحبا چاٽي خدا

قرب مان قربان ٿيان، پيرن مٿان تنهنجي پرين
جي اچين پيرا پري، مون ڏي، ذرا چاٽي خدا

مل اچي، يا مار مورڳو، مرتضيٰ مهجور کي
زندگي بيڪار آهي، تو سوا چاٽي خدا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڏسندو رهان

دوست دلير دل چوي ٿي، دلربا ڏسندو رهان
ساهه جي سينگار جي صورت، سدا ڏسندو رهان

گفتگو شيرين شڪر، ماکي مٺائي کان مٺي
سا سدا سڻندو رهان، نازو ادا ڏسندو رهان

رنگ رخسارن مٿان پڻ، گل گلابي گهوريان
مُنهن مٺي متهن سان ملائي، مهلقا ڏسندو رهان

تنهنجي پيرن تان پيارا، پير پَرين گهورجن
هاءِ دلير مان هميشه، هٿ حنا ڏسندو رهان

تهنجي ڪاڪل تان ڪريان، قربان ڪڪر ڪارا قريب
مرڪ مٺڙا، لال لب تنهنجا، مٺا ڏسندو رهان

مرتضيٰ مهجور ڪي سو محب مولا، تون ملائي
مان همشيه يار منهنجو، يا خدا ڏسندو رهان.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تهارين پيارا

خدارا اچي مٿهن، ٿيڪارين پيارا
ڪٿي تيئن موٽندي، تهارين پيارا

تنهنجي جوت جلوي چنڊي جان جهوري
چنڊيو قلب ڪتيئرين سنڌي ڪان ڪوري
چنڊي جان جيڪر، جيارين پيارا

پيري پير پيارا الساڻ وٽ هلي جي
ڪري مهر موهن سان مٿا توهن ملي جي
گهڙي پل ته گڏجي، گڏارين پيارا

ڪتيون ڪير شربت مٿالثون ته مت ڪو
مٿو آهي ماڪي تنهنجي هوت هٿ جو
پيري پيالا پياڻي، پيارين پيارا

سنڌئي مرتضيٰ آقيولي غلامي
ڪندو ساٿين سهٿا سدائين سلامي
ڪري مر جو توڪر، پيهارين پيارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چوڙين جا چمڪار

دل يار لڳي، دلدار ڏسي
اڄ دلبر جو ديدار ڏسي

ڳاڙها ڳل گلاب جا گل ٽڙيل – ڪارا وار ڪُلهن تي چوٽ چڙيل
لالي لال لبن تي خوب لڳل
سوين سهڻل جا سينگار ڏسي

نوان نيڻن جا نِت ناز عجب– مٺو ماکي کان آواز عجب
پرون برهِ سندا شهباز عجب
حَسين رانل جي رفتار ڏسي

من مرتضيٰ جو مستان ٿيو – ڏسي ذات حسن جي حيران ٿيو
وڃي قدمن تان قربان ٿيو
اهي چوڙين جا چمڪار ڏسي

SHER ALI CHANDIO
CHANDIA GOTH QASIMABAD
SINDH

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چا ڪريان

درد دوريءَ جي چڏي آ، دل دکائي چا ڪريان
سور سهڻا پيو سڪايل کي، ستائي چا ڪريان

پل اندر بنجي پرندو ڪر،آچي پهچان پرين
ناهه سا طاقت اها جيڪا اڏائي چا ڪريان

سر پڪي ڪا مان سبق سڪيس سڙڻ جو صاف صاف
عشق جي هن آگ کي آخر اجهائي چا ڪريان

جانِ من آهي جياپو وصل تنهنجو جان کي
ڪر اشارو سو عطا تو وٽ پچائي چا ڪريان

بونداڪيون بس نہ ڪن برسات جيئن برسن سدا
مون نہ هي ورتو، وچوڙو کي وِهائي چا ڪريان

التجا ۽ عجز آزي ڪل قبوليا ڪين ڪي
هر گهڙي هر هر، وري حيلا هلائي چا ڪريان

رات ساري جنهن صنم کي ساريو سڏڪا پريان
مرتضيٰ من محب سو مولا ملائي چا ڪريا،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# واجهايان پيئي

پل پل پورو پرين جا پيچاليان پيئي
ويٺي واٽن تي مان واجهاليان پيئي

جڏهن عشق عقل تي ڇانيو آ — موڙن آرام اکين جو ڦتليو آ
ويهي ويراڻن کي وساليو آ
پنڌ پيار پرين جا پيچاليان پيئي

لِکي لوڪ کان لڙڪن آ لڳائي موڙن — ڪٿي ڪلهن ڪنڌن ڪا ڪچلائي موڙن
پيارا پريت پتنگ جيئن پچائي موڙن
جاني جان جسم کي جلائيان پيئي

سهڻي يار سوا ساعت ڪيئن سري — وڇڙيل يار وڙڻ جو شل واڳ ورري
پڙڪيو پرهه سندي پيئي پاهه پري
التمان آگ ڪري جيئن اجهليان پيئي

عرض آهي انسان جو الاهي کي — مِلا محب مرتضيٰ مولائي کي
ڏاڍين ٿور ڏکن ۾ ٿاٿاهيءَ کي
جيتهن لٿي ڳوٺ ڳلين ۾ ڳليان پيئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چا چوان

بيقدر بي قياس بلڪل بي وفا ڪي چا چوان
درد مان دانھون ڪيم، پيو دلربا ڪي چا چوان

ڏيان دانھن تي ڪري، دانا ڪيو دل جو علاج
مرض محبت جو وڌيو اھڙي، دوا ڪي چا چوان

ري ڪجل ڪاريون اکيون، وارن ڪيا ڪئين واريار
بند ٻيوس جنھن بدن ڪِيو تنھن، بلا ڪي چا چوان

درد وندن ڪاڻ دلبر، دام ديدن جا اڏيا
قرب ۾ قابو ڪرڻ جي ھن، ڪلا ڪي چا چوان

عشق جي ھر امتحان ۾ آزمائي بار بار
تہ بہ نہ ڪو ويساھ آيو، مہ لقا ڪي چا چوان

مرتضيٰ محبوب منھنجي جا نرالا ناز ڏس
دم خفا، دم خوبصورت، خوشنوا ڪي چا چوان

# جيءَ ۾ جهوري

جيءَ ۾ جانب يار جي لڳڙي جيڏيون مونکي جهوري آ
لڃان ۽ لوچيان آئون لکن ۾ لالڻ لائي ويو لوري آ

عشق اوتارا اڏيا اندر ۾، ڪيچين سان وجي پيچ پيو
ڏاگهن ڏيرن ڏک ڏيکاريا، ڏونگر دلڙي ڏوري آ

سورن ۾ ئي آئون سر جيس، ڪونڪو سرتيون سک سُجهي
کهڙو ڪنهن کي ڏوهه ڏيان، بس قسمت منهنجي ڪوري آ

ننگ نيائي نيهي ايندو، ور وِلهيءَ تي وڙ ڪري
پلي پيون چئو پينر مونکي، سسئي بلڪل پوري آ

مرتضيٰ مچ محبت جي ۾، پروانن جيئن پاڻ پچي
جان جڏي مون پرتئون پنهنجي، گهوٽ پنهون تان گهوري آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ايندو يار ڪڏھن

ڪانگا ڪرڪا خبر ايندو يار ڪڏھن
منھنجي دل ته سندو دلدار ڪڏھن

ڪولي خاص حقيقت نام خدا، خبرون خير سنديون مونکي جلد ٻڌا
جنھن لئه آهِ سندم جند جان فدا
ايندو پاڻ پرين ھن پار ڪڏھن

جنھنکي شام صبح سانجهي ساريان مان، ڪنھن پل نه ڀرم وساريان مان
ڪٿيونئڻ نماڻا نھاريان مان
ايندو محب منو منٺار ڪڏھن

دل دردن ڪئي دلگير اٿم. ڪيو ڏار سڄڻ تقدير اٿم
اجان مُحب ملڻ جي اڪير اٿم
ايندو سھڻو ڪري سينگار ڪڏھن

ساري جان جدائي جلائي آ، ھر دم وات صنم جي وائي آ
ھِت ڏک ۾ ڏور ڏاڏاھي آ
ٿيندو دوست سندو ديدار ڪڏھن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ويٺي واٽ ڏسان

ويـٺـي واٽ ڏسـان، ايـنـدو ورڙي اديـون
منهنجو گهوٽ پنهون منهنجي گهرڙي اديون

اهڙي ڪل نہ هئي ويندا ڪانڌ ڪٺي،ريبي رمزن سان مونکان راند ڪٺي
پيئـي عرض ڪـريـان پلؤ پـانـد ڪٺي
اگهـي شال ڏٺي سـنـدي درڙي اديـون

جليو روز جدائي ۾ آئون جيئان، ساٿي سور ٿيا، پيئي پور پيئان
منهنجو ياڳ پليو ڪنهن کي ڏوهہ ڏيئان
واهيان جـال اکيون پيئي جـرڙي اديون

اڄي الفت جي اوتان اوت ڪري. ڇڏي ڇوري هليا هاڃون هوت ڪري
مـاري مون تـہ منـيءَ جو موت ڪـري
پـايان هاڻ پنيور تـي بـرڙي اديـون

اڃا آس الهہ ۾ اميد اٿم، ڪـنـدو مـرتضيٰ مهـر مجيب مٿم
اهـڙو قـادر پنهـنجـو خـاص ڪـرم
پسان شال پرين ڪـنهن پرڙي اديـون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڪائيندين تہ ڇا ٿيندو

سڪايل ڪي وري سھڻا، سڪائيندين تہ ڇا ٿيندو
جدائي ۾ جلايو آ، جلائيندين تہ ڇا ٿيندو

ڦٽي دل ڦٽ ڪري وئين، جن نگاھن سان سجڻ سائين
وري ھڪ وار سي نظرون،ملائيندين تہ ڇا ٿيندو

مِٺا جامن اندر منھنجي، برھ جي باھ وئين ٻاري
اچي ان آگ کي آخر، اجھائيندين تہ ڇا ٿيندو

وساري واعدا ويئين، وصل جا جي ڪيئي مونسان
انجام ۽ عھدو پيمان سي، نڀائيندين تہ ڇا ٿيندو

صنم تنھنجو ترنم آ دوا ھن درد دل جي لئہ
نوان نغما نَوَن سازن تي ڳائيندين تہ ڇا ٿيندو

مٺا جاني مڻ جي مھرباني مرتضيٰ تي ڪر
نماڻو عرض عاجز جو، اگھائيندين تہ ڇا ٿيندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ھر گھڙي

ياد مونکي ڏينھن آھن وصل وارا، ھر گھڙي
تا قرن اکڙين جي آڏو سي پيارا، ھر گھڙي

ھوُ مزا ھوُ محفلون ۽ حجتون ساريو سدا
تا وھائن نيڻ منھنجا نير نارا، ھر گھڙي

ياد آھم گلبدن سان گڏ گھمڻ گلشن اندر
تا رھن منھنجي اکيان، نرمل نظارا، ھر گھڙي

پر ڪجل، ڪاريون، ڪڪوريل گھاءُ گھورن سان وجھن
ٻياوري واسينگ واسيل وار ڪارا، ھر گھڙي

چنڊ چارئي پھر تنھنجون رات جو راھون تڪي
تا سڄڻ سارين توکي سڄ ستارا ھر گھڙي

مرتضيٰ مھجور جا توکان سوا منھنجا پرين
ڪير ڪٽندو ٻيو پلا ھِت انگل آرا، ھر گھڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منٺار جي محفل اندر

ختم ٿي ويا غم الم، غمخوار جي محفل اندر
درد جو درمان ٿيو، دلدار جي محفل اندر

اچڻ سان آندا بجا سڀ، عشق جا آداب مون
سر سلاميءَ لئہ جهڪيو، سرڪار جي محفل اندر

نياز مون ڪِيو ناز ڪي، ٿيا نيڻ نرگس، نيموا
اچ اشارو ٿيو عجب، اسرار جي محفل اندر

شوق ۾ شادان سٽي ٿيس، شهد کان شيرين ڪلام
گفتگو گهايو، گوهر گفتار جي محفل اندر

قيد قربئون ڪيو قريبن، قتل گاھہِ ناز ۾
عشق آندو، ابروءِ خمدار جي محفل اندر

اوچتو آ، انِ طرف اکين اُهارو، اچ ڪيو
يادِگيري آ يقينڻ يار جي محفل اندر

پرَ ڪري پهچائي پلڪ و پلڪ ۾ پروردگار
مرتضيٰ مهجور کي، منٺار جي محفل اندر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وساري وهان ڪيئن

وساري وهان ڪيئَن، اباڻن کي آئُون
روئن روز جن لئہ، نماڻيون نگاهُون

ڪيا ڪيل ڪِوڙن، گُڙي گوڙ آهي
وٺو مينهن موڪون، لٿي لوڙه آهي
منگها مرت مڪٽي، نہ مونڏي مڪائون

ڪنڌيون ڪرڙ روڙيو، سنگهاريون سڪائن
پکن منجهہ پيهو، پنهوار يون پچائن
پُسي پاڪ پيرون، سنگُر جام سائون

زريون سون زيور، بلائون تي پايان
پَٽِي پَٽ پَٽيِهر پراوانہ پايان
وٽي ويس مونکي، تو کهرو کتائون

ڪٽي مرتضيٰ ملڪ تر مان ترياٽي
ڪٽي آئي قسمت، ڪيس قيدياٽي
پڪاريو پنهنوارن جون، ڪريان پچائون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عيد آئي - تون نہ آئين

عيد آئي، تون نہ آئين، من اندر ماتم رهيو
لوڪ ساري ڪئي خوشي، مون لئہ مڪمل غم رهيو

عيد تنھنجي ديد ڌاران، ڪيئن ڪريان ڪھڙي قريب
عيد وارو ڏينھن مون لئہ ڄڻ تہ مھہ محرم رهيو

عيد ۾ خوش هو جھان، پيروَ جوان ۽ ٻار خوش
مون سوا غمگين بس ٻيو ڪو نہ ڪو آدم رهيو

مون مبارڪ جو نہ منڙا ڪو ڏنو ڪنھن کي جواب
بي خودي ۾ بس! نہ ڪنھنجو ٻيو ادب لازم رهيو

عيد جو هڪ ڏينھن ڇا، پر اي صنم ساري ڄمار
مرتضيٰ مغموم تولئہ، هر گھڙي هردم رهيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سبحان الله

کهڙي ڪريان چمن جي واکاڻ سبحان الله
چوڏار ڇهڇٽا ۽ چانڊاڻ سبحان الله

موتيو گلاب ثريا ۽ ڪاسني، ڪنول پڻ
آهي عجب گلن ۾ سرهاڻ سبحان الله

نرگس ۽ نازبوءُ سان گلشن ۾ خوب گڏجي
لالا به اڄ لڙي ڪئي لالاڻ سبحان الله

بادِ خزان جي ڪليون، ٻوٽا ۽ گل سڪايا
شبنم ڪئي انهن تي آلاڻ سبحان الله

بلبل ۽ ڀونر آيا، ڪو ڪي وري آ ڪويل
آهن بهار جا هي اهڃاڻ سبحان الله

مرڪي ته مرتضيٰ ڪي هِت هار خود هٿن سان
پاتو اڄي پرين اڄ پاڻ سبحان الله

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# حورون ڪنديون ڇا همسري

ماهرو محبوب سان حورون ڪنديون ڇا همسري
جنهن جي جلوي ڪئي جهان ۾ جا بجا جلوا گري

هڪ نظاري نور ڪئي، ترت تجلي طور ڪئي
گلبدن جي گهور ڪئي، دل چاهه ۾ چوري چري

ديد مليا وئي دل، ڪا نه ڪنهن کي پيئي ڪل
آهِ بيشڪ بي مثل، هي دلربا جي دلبري

جانِ من ايندو جڏهن، واسيون واٽون تڏهن
ڪين ڪٽندس پو ڪڏهن، قدمن مٿان سيري سري

بيوسن جا پير جهلا، محب محبن سان مِلا
مرتضيٰ جو آمنا هي عرض توکي آخري


Scanned with CamScanner

# دل جو خزانو

لٽايو وتان دوست دل جو خزانون
آهي يار ڏاڍو هي ظالم زمانون

ڪئي ناز وارن نظر ناز واري
اتم روز روئندي حياتي گذاري
نگاهن جو بنجي متان ڪو نشانون

اچي غم به شامل ٿيا بس خوشي ۾
مزو ناهي مورئون ذرو زندگي ۾
ڪيودرد دلبر جي دل کي ديوانون

اجوڪي دنيا ۾ سچو پيار ڪونهي
ڪٿي قرب وارو، وفادار ڪونهي
وفا هاڻ ڪن ٿا، دغا جو بهانون

متان مرتضيٰ جيئن اوهين دِل اڙايو
هميشه پيا نير نيڻن وهايو
قتيل دل جو يارو، بڌو پيا فسانون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اباڻا، اباڻا

ڪنديس ڪوٽ ۾ پئي اباڻا، اباڻا
وساري نہ وھنديس، پٺون توڙي پاڻا

مڇون ملڪ ۾ ھي، سنگھارين سڪائون
تہ ڪنھن پروطن ۾، ملان تن کي آئون
ڏسان تر وچي شل وري تاڪ تاڻا

ڪري ظلم، ظالم، ضعيفن سان زوري
چني چانگ مان چو، ڪيئي مونکي چوري
عُمر وجھہ نہ ايذا، غريبن ۾ گھاڻا

عمر ڏي اجازت وڃان ماڳ موٽي
مران مرتضيٰ من ڏسي ڳوٺ ڳوٺي
جتي منھنجا مارو سباجھا سياڻا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪنهن کي چوان

دلربا دلبر ڪان آهيان ٿار، مان ڪنهن کي چوان
درد مليا دور ٿيو دلدار، مان ڪنهن کي چوان

سال گذرن سرس سڪ تيئن سڄڻ جي سيني اندر
آسجو سهڻي سوا سنسار، مان ڪنهن کي چوان

لب لبن تي لال ساريو لطف جا لمحا لطيف
لڙڪ لارون لس وهن، لاچار، مان ڪنهن کي چوان

عيد وارا عيد ڪن، مون عيد عاشوري مثال
ابتداءِ عشق جا اسرار، مان ڪنهن کي چوان

غرق غم جي غار ۾ آهيان، نه آ ڪو غمگسار
مرتضيٰ محبوب ۽ غمخوار، مان ڪنهن کي چوان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# روح جي راڻي

ڪٿي سي ڏينهن ۽ راتيون، ڪٿي سا روح جي راڻي
سڄي سنسار مان چونڊي، بنايم جنهن کي ساٿياڻي

الاجي ڇو ڇڏي ويئي، لڪي مونکان لڏي ويئي
غمن ۾ دل ڳڏي ويئي، نه ٿي سورن اندر ساٿي

وساري ڪيئن ٿنهنکي دل، پري جنهنکان نه گذريو پل
اڱڻ منهنجي اها مومل، الاهي شال تون آئي

اڪيون سک سان سُتيون ناهن، اڃان منجھ آسري آهن
وڇوڙي ۾ پيون واهِن، پرين لئه پرت جو پاڻي

الھ مان آس ڪيئن لاهيان، سوالي مرتضيٰ آهيان
سڄڻ پنهنجو تو سرچ يان، هلي حيلا ڪري هاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهل يار پچائيندبس

پيرين پيادي، پنڌ ڪري آئون پنهل يار پـچائيـنـدس
پنهل يار پچائيـنـدس، وسـئون ڪيـن وڃـائيـنـدس

سور اندر جا سڄڻ ڏاران، سرتيون ڪين سڻائيندس
پنهنجي پر ۾ پور پچائي، پنـهـنـجـو پاڻ پچائيـنـدس

ور وساري ويهي ويهي، خـلقون ڪيـن کلائيـنـدس
جهر جهنگ جهاڳي جوڳڻ بڻجي، جيرا جان جلائيـنـدس

آڳ عجيبن ٻاري دِل ۾، اڄ سـاڪين اجـهائيـنـدس
درد فراق ۾ دلبر ڌاران، دونـهان دود دکـائيـنـدس

باهه پنهور کي ڏينديس ڏينديس، ڪيچ وڃڻ ڏي ڪاهيندس
مرتضيٰ ڪوئي من ۾ پنهنجي، آئون مچ مچائيندس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيار جو وھنوار

تيو دل تہ سندو يار پڪو پيار اوھان سان
پيارا مون ڪيو پيار جو وھنوار اوھان سان

اي جان صبح، شام تنھنجا گيت مان ڳايان
ھوءُ نينھن سندا ڏينھن پلا ڪيئن پلايان
انجام ڪيم عشق جا اقرار اوھان سان

تون شاد ۽ آباد ھجين شال سدائين
مان توکي دعا ڪريان پيو روز اي سائين
دل اھڙي ڳنڍيل دوست آ دلدار اوھان سان

اکيون تہ تڪيون منھنجون، تنھنجي واٽ نھاري
دلبر ھي مقدر جا ويندس ڏينھن گذاري
رھڻو تہ مونکي آھي وفادار اوھان سان

اچ ھاڻ سجڻ پاڻ، يا وٺ مونکي گھرائي
بس چين سندا نين مرتضيٰ سان ملائي
ڳالھيون تہ اتم ڪرڻيون ہہ ٽي چار اوھان سان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نماڻيون نگاهون

نهاري، نهاري نماڻيون نگاهون
روئن رات ساري، تکي روز راهون

سدا تنهنجي سهڻا کندي انتظاري
سجي آهِ سگهندي عمر مون گذاري
کڏهن پرت وارا پرين ايندين پاهون

پري پير پيارا اکين جي اوتاري
خدا جاڻي ايندين کڏهن قول پاري
دکي دل جون دلبر ٻڌي درد دانهون

ڏسي حال نازک سندم اڄ سيئَي
پراوا ۽ پنهنجا کليا ٺهڪ ڏيئي
کيون قرب اهڙيون منجهان کست کاهون

مٺا مرتضيٰ سان کري هاڻ ميلا
وري شال ڊولڻ وجهين کين ويلا
پري دل پئي دلبر اوهان لاءِ آهون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اي دل بنان دلبر جي

اي دل بنان دلبر جي بلڪل نہ بهاري آ
جلندي مون جدائي ۾ هر رات گذاري آ

سهڻل جي سدا سهڻي صورت آ سبحان الله
قربان ٿي قدمن تان هي جان مون واري آ

ٿيا ورهيہ وڇوڙي ۾ سِڪ سوز اندر سڪندي
اکڙين مان اُداسي ۾ جر جال تہ جاري آ

محبوب ملي مرڪي مهجور مرتضيٰ کي
ناهي لوڪ جي لاچاري هڪ يار سان ياري آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# واحد وصال

اي يار مون کي هر دم تنهنجو خيال رهندو
بس ! ياد زندگي ۾ واحد وصال رهندو

مون کي نه زندگي ۾ حاصل ڪڏهن خوشي ٿي
منڙا مزار ۾ پي حزن و ملال رهندو

مدفون مڙهه ٿيڻ سان، منڪر نڪير پڇندا
ليڪن سندم زبان تي، تنهنجو سوال رهندو

سڪرات ۾ چوڻ ٿا، ڪجهه ياد ڪين پوندو
منهنجي نه دِل تي تنهنجو، حسن وجمال رهندو

تڙپڻ اتي به هوندو، ڦٿڪڻ اتي به هوندو
آرام قبر ۾ پي، منهنجو محال رهندو

سرمان ڪيان تو قربان، تنهنجي قدم قدم تان
دنيا ۾ مرتضيٰ جو، قائم مثال رهندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سُر سُٺايون

اچو گيت خوشين سندا، ھاڻ ڳايون
اسين شاد آھيون، اھي سُر سُٺايون

فضا ہي معطر ۽ پر نور آھي
نشو ڪو دماغن تي ڀرپور آھي
انڌيرو ويو ۽ ٿيون روشنايون

اچو اڄ محبت جي محفل مچائي
وري روح واريون، رھاڻيون رچائي
مبارڪ، مبارڪ چئي عيدون ملهايون

مليا محب مرڪي اچي مرتضيٰ سان
ٽيا درد ۽ ڏک، سيئي دور دل کان
ڇڏيون نيٺ جانب اسان کان جدايون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻي ڪهڙي قرباني ڪريان

جان صدقي تو مٿان ٿو، جانِ من جاني ڪريان
قرب ۾ ڪهڙي ڀلا ٻي يار، قرباني ڪريان

تنهجي رخ روشن کي ڏسندي، چنڊ تارا ويا لڪي
سانء صورت آهي جنهن کي تو سندو ثاني ڪريان

پيار جو پينار تي ۽ منجهه برهه بيمار تي
در مٿي دلدار تي، دربان دربـاني ڪـريان

مرتضيٰ جي گهر مِنا تون جي هلي هيڪر اچين
ماس ڪوري مھ لقا، محبوب مهماني ڪريان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اِجھي آيا

اتم اک اوچتي، ڦڙکي،عجيبا اچ اڳڻ ايندا
ٻري ٻاڪر، ٻلا بلڪل، مٺا مرڪي، ملڻ ايندا

ڇڏي ماٺا، رنل راٺا، پرين پرچي صفا سياٺا
هلي حبدار هڪ ٻيرو، ڏکويل کي ڏسڻ ايندا

ٻڌو تم ناز مان نکري، سجڻ اچ سير تي سنبري
گهڙي کن لئي سندم گهر ۾ گهمڻ وارا گهمڻ ايندا

ڪري احسان عاشق تي، نمائي حال نازڪ تي
ڳجهيون ڳالهيون، سجڻ سهڻا، ڪري ٻاجهون ٻڌڻ ايندا

مرتضيٰ محب مهنداري، ڪري سائل تي سرداري
ڪچهري قرب وارن سان قرب وارا ڪرڻ ايندا.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# گھوريا گھنگھر ڏينھڙا

سٺو سلامن موڪليا
مون تہ سڄڻن کي ساري

اکيون جن جي آسري
جاڳيون جر هاري

ورندا نيث ولھيءَ ڏي
واڳون سي واري

گھوريا گھنگھر ڏينھڙا
پئي گولي هت گھاري

محبوبن جي مرتضيٰ
مونکي محبت تي ماري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وري آ سانولڙا

محبت تنهنجي ماري ماري دلڙي ويچاري
رتڙو روئي ڏينهن رات، وري آ سانولڙا

ڏار رهين تو، ياد پوين تو
ڪنهن پل دل تان، ڪين لهين تو
سانجهه، صبح، پرڀات، وري آسانولڙا

تنهنجي جدائي، جان جلائي
طلب اندر ۾، تابش لائي
وائي اها تم وات، وري آسانولڙا

توبن پيارا، سانوڻ سيارا
ڪيئن گذاريان، ڪر نہ ڪنارا
لون لون آهي لات، وري آسانولڙا

ڏور نہ گهاريو، گڏجي گذاريو
مرتضيٰ منڙا، ڪين وساريو
تن من طاري تات، وري آ سانولڙا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تو ۾ چا نہ ڏٺم

توله سڪندي ڪئين سلطان ڏٺم
تنهجي خدمت ۾ خاقان ڏٺم

تنهجي صورت سهڻي صاف پرين، تنهجي سيرت پاڪ، شفاف پرين
تنهجا عين عجب اوصاف پرين
تنهجي منهن ۾ مٺيان مرجان ڏٺم

ڏسي نازڪ نرمل ناز وادا، چڙي فخر اچي ٿيا فيل ندا
ڪئين گهايل، گهورا، شاه، گدا
تنهجي محبت ۾ مستان ڏٺم

تنهجي مهر مٺا منٺار هجي، تنهجو ديد سدا دلدار هجي
تنهجو دائم، قائم پيار هجي
تنهجي عشق اندر ايمان ڏٺم

جڏهن مرتضيٰ من محڪوم ٿيو، اچي پيارل تنهجي پيش پيو
توکي سجدو ساهه سرير ڪيو
تنهجي صورت ۾ سبحان ڏٺم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دنيا پئيسي جي

ڏس يار گھمي سنسار، واھڻ وسيون شھر بزار
دنيا پئيسي جي آ يار

ناز نزاڪت پئيسي سان، شان ۽ شوڪت پئيسي سان
طاقت، ھمت پئيسي سان، عزت، شھرت پئيسي سان
نر ھجي يا نازڪ نار، ٻڏڙو ٽوڙي ٻالڪ ٻار
دنيا پئيسي جي آ يار

پيئسو ڏاڍو آھي پيارو، پئيسي ڌاران ڪونھي چارو
ناٽي تي پيو نينھن وڪامي، رات وڪامي ڏينھن وڪامي
پيئسو عشق ۽ پئيسو پيار، عيش طرب ۽ ھار سينگار
دنيا پئيسي جي آ يار

ڇا جي سنگت، ڇاجي صحبت، دولت گھرجي ھر ڪنھن دولت
ڇا جي محبت، وفاداري، پئيسن جي تي ويئي ياري
آھي دم دم ڌن درڪار، بنگلو، باغ ۽ موٽر ڪار
دنيا پئيسي جي آ يار

پيئسي جي ڇڏ پچر ڏاڏاھي، ناٽي ڪنھن سان ناھي راھي
پاڻ سان حال پچاريون ويٺا، گذريل ڳالھيون ساريون ويٺا
دولت وارا سڀ دلدار، ڇڏي ويا پنھنجا رشتيدار
دنيا پئيسي جي آ يار


Scanned with CamScanner

# چا پيو ڏسان !

سوين رنگ شام وسحر تو ڏسان!
زماني جو چالو چڪر تو ڏسان !

ورهين ڪان جي ويران واھڻ هئا،
أتي اڄ تہ شاهي شهر تو ڏسان!

جتي هئا ٻٽيل باغ، بازاريون،
أتي پار برباد ٻر تو ڏسان!

جتي خاندانن جا خانا هئا،
أتي گر گلن جا تہ گهر تو ڏسان!

پليا جنهن پِدر جي تي در تي هزار،
انهيءَ جا تہ پنندي پسر تو ڏسان!

جتي مرغ وبريان رڌا روز ٿي،
أتي هائي گوبي، گجر تو ڏسان!

جتي لپ لسي هئي نڪو ڳُڙ ڳڙو،
أتي ڪوڙ شيرو شڪر تو ڏسان!

ملي جن کي ورثي ۾ "واري" زمين،
انهن وٽ بہ ڪارو ڪلر تو ڏسان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ٻڪريءَ جي ٻچڙي جتي ٻوليو،
اُتي اڄ وَڇن جا ولر ٿو ڏسان!

جتي گهر ۾ گڏهن جون هينگون هيون،
اتي ڪار چارئي پهر ٿو ڏسان!

هنر ۽ علم جا، جي ڀنڊار هئا،
اهي بي علم بي هنر ٿوڏسان!

نہ ڪو مفلسن جو مددگار آهي،
نہ آهہ وفغان ۾ اثر ٿو ڏسان!

سنگت ۾ نہ صحبت صداقت رهي،
نڪو قرب جو ڪٿ قدر ٿو ڏسان!

حسينن جا هر هر نرالا نوان،
عجب عاشقن لئہ عذر ٿو ڏسان!

سياست ۾ تندي الهيار ڪي،
جهڙي ڪان بہ ڪافي ڪثر ٿو ڏسان!

اتي آهي ڏاڏاهہ، ڏيئيءَ، ڪڏهرو،
نہ سي مور ماٿهو مگر ٿو ڏسان!

ملي مرتضيٰ جن سان مسرور ٿئي،
نہ سي يار جاني جگر ٿو ڏسان!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# لک لھي تي لوڏ

پريم نگر جا، پيارا ماڻھو
سُھڻي صورت، وارا ماڻھو

ڪاوڙ، ڪلفت، مُور نہ ڄاڻن
ڪِلڪا، مِلڪا، سارا ماڻھو

لک لھي تي، لوڏ جني جي
جاڻي جيءَ، جيارا ماڻھو

آيَن لاءِ، اڏيندا آھن
اڪرين ۾، اوتارا ماڻھو

ماکِي مِصري، جن جي ٻولي
آھن امرت ڌارا ماڻھو

ڏاڏاھي، جا ڏک ۽ سک ۾
ساٿي ساھ، سھارا ماڻھو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چِلوِ لِي

اڄ تہ البيلين اکين سان ويون وري اکيون مِلي
ھو مزي وارو ملڻ، ڪجھہ مان ڪليس ڪجھہ ھوُ ڪِلي

چپ چوڻ جي لئہ چريا، پر ڪين ڪڇياسون ٻئي
دل جي ڌڙڪن تيز ڪنهن دم ۽ صفا ڪنهن پل سِلي

مهل ھئي، موقعو بہ ھو، ڇا بات ھئي تنهن رات جي
گيت گونجيا ٻي خوشي جا، ٽور مان ھوُ ٻي ٽِلي

ناز ۽ آواز سان گڏ، سونهن ھئي سينگار ھو
مونکي نازن سان نهوڙي نيٺ ويئي نازلي

مرتضيٰ مهندان ھلي، ماٺا ڪري ھر ھر ھزار
درد واري دل چري چوري ڪري ويئي چِلوِلي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چار ڏينهن

بيخبر هي بي بقا ٿئي زندگاني چار ڏينهن!
آهه جو پن يار جلوو ۽ جواني چار ڏينهن!

ناز توکي آهي ڪيڏو پنهنجي حسن و ناز تي،
آهه ليڪن توسندي دنيا ديواني چارڏينهن!

گفتگو منٺڙيءَ مٺان ڪيئي گوهر گهورين پيا،
ياد رک آهي مگر شيرين زباني چار ڏينهن!

ڇو پلا، تون زندگي سمجهين تو جاهل جا ودان،
هي تہ ظاهر آجهان سارو ٿي فاني چار ڏينهن!

آهه توکي پنهنجي دولت ۽ حڪومت جو غرور،
پر اٿئي سڀ سيم، زر ۽ راڄڌاني چار ڏينهن!

اڄ تہ ڏس تنهنجو بيان هر جاهلي پيو خوب پر،
موت کان پوءِ هوندي قائم بس ڪهاني چار ڏينهن!

هي سمنڊ جا شور شاهي، دب دبا دريا سندا،
اي چريا انهن سندي آهي رواني چار ڏينهن!

مهر مولا کان گهران جو باجهه باجهارو ڪري،
مرتضيٰ ماڻهن سندي آ مهرباني چار ڏينهن!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# بيوس

لکين مرد مانجهي ڪيا تقدير بيوس
هليو ڪونہ حيلو، تي تدبير بيوس

چڙهيو نيهن نازڪ جڏهن ڪان نظاري
چڏي ماڳ ميهر پيو مال چاري
ڏنو ساهه سهڻي اندر سير بيوس

ويا جان جوڳي هزارين جلائي
محبت ۾ مرليون وڄائي وڄائي
ڪتي آهي رانجهن ڪتي هير بيوس

ڏسي لاڏ ليليٰ جا ملڪ مصر ۾
وڃي قيس بيٺو بيابان بر ۾
ڪيا عشق مجني سندا مير بيوس

محبت ڪيو مرتضيٰ کي پريشان
سَسَئي سر سهائڻ کي سمجهيو تي آسان
پنهل چام جهڙا ويا وير بيوس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سٽائي وڃين ها

جدائي نہ جاني جلائي، وڃين ھا
وڃڻ ويل سهٽا سٽائـي، وڃين ھـا

اڄ رات- ڏينهان طلب تات تنهنجي
وساريان نہ وسري وائي وات تنهنجي
اھا لات لوري نہ لائي وڃيـن ھـا

وڃـڻ وقت ڀيرو ڀلائي ڪري تون
قـدم قرب وارا ڀلارا ڀـري تـون
مٺا لب لبن سان لڳائي وڃين ھـا

وڇوڙي ۾ ويئس وڃي روز راهـون
ڪَيم ديس پرديس پيـار پڇائـون
رَندن ۾ نہ راڻا رُلائي وڃيـن ھـا

هجين ها سچـو يار دلدار سـاٿـي
اچي ديد، ديدن ۾ ڇاتيءَ سان ڇاتي
مٺـا مرتضيٰ سـان ملائي وڃين ھـا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وساري نہ ڇڏجان

وڃڻ بعد پيارا، وساري نہ ڇڏجان
مٺا مور من تان، ميساري نہ ڇڏجان

ڇڏيا ڇوٽ ڇوڙي ٽوڪارا ڪلهن تان
ڪٽي جان صدقي مون جاني اُنهن تان
وري وار واسينگ واري نہ ڇڏجان

سدا ياد رهندو ملڻ واٽ وارو
صبح، شام، سانجهي سندو وقت پيارو
خدارا اها ويل ٽاري نہ ڇڏجان

ملي خط، نشاني سندم يار جاني،
تہ مُرڪي مٺا تون ڪري مهرباني
رکج سڀ سنياري ۽ ٻاري نہ ڇڏجان

ڪڏهن ساڻ قسمت اوهان جي شهر ۾
اچي مرتضيٰ جي پُڄي پنهنجي پر ۾
دران دوست دلبر ڌڪاري نہ ڇڏجان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پيپڙا پايون وري

اڄ اچڻ وارا اچو دل ساڻ دل لايون وري
يار گڏجي پيار جا ڪي گيت ٻئي ڳايون وري

تون پرين آهين پري، درد ۾ دل تي ڳري
آ تہ ڪي ياڪر يري، اڄ روح ريجهايون وري

عشق ۾ الـمست تي، لوڪ ساري ڪان لڪي
ماهرو محبت سندي، برسات برسايون وري

مـرتضيٰ مهجور سان، مـل اچي اي مهربان
نيهن ۾ نئين سر نوان، ڪي پيپڙا پايـون وري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جانيڙا

جانيڙا، هو جانيڙا
منهنجا جاني جلويدار، مُيَن سان چڱ ماڻا

قرب ڪري تون، پير پري تون
اچي ڏي، تون اچي ڏي
ڏي دلداريون دلدار، مُيَن سان چڱ ماڻا

رُس نہ تون راڻا، ساهہ سيباڻا
مرڪي او مرڪي
مِل مرڪي اڄ منٺار، مُيَن سان چڱ ماڻا

تنهنجي ڏسڻ لئہ، اکڙيون اڃن لئہ
واهيا، مون واهيا
مون نيڻ وهايا نار، مُيَن سان چڱ ماڻا

ڏاڏاهي ڏي، سڄڻ سويري
هلي آ، او هلي آ
هلي آءُ هينئين جا هار، مُيَن سان چڱ ماڻا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آسري الله جي جيئندو رهيس

تنهنجي در تي دمبدم ايندو رهيس
خوامخوا رُسوا صنم ٿيندو رهيس

ڇا چوان تنهنجي ڪري ڇاڇا سٺم
زهر جا ڍُڪ، اي پرين پيئندو رهيس

درشن و ديدار خاطر رات ڏينهن
گس گهٽيءَ تي بيوفا بيهندو رهيس

ڪونہ خوش ٿي ڪنهن ڪڏهن ڪينڪاريو
مان تہ هر هڪ سان ڪلي ملندو رهيس

مونکي مشڪل ۾ نہ ڏس ڏاهن ڏنو
مان تہ ڏيهن کي بہ ڏس ڏيندو رهيس

مان ڪِليس جي روبرو ڪوئي رنو
مرڪندو ڪنهن کي ڏسي روئندو رهيس

مفت ماريو مرتضيٰ کي تو مگر
آسري الله جي جيئندو رهيس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# آيو آهيان

هاڪ تنهنجي حُسن جي سهڻا سُڻي آيو آهيان
دم گهڙي ديدار لئہ، دل جا ڏٺي آيو آهيان

جانِ من جت پيي ويس، تعريف تنهنجي ئي ٻڌم
واھہ جا واڪاڻ مون کي وٺي وٺي آيو آهيان

قرب وٽ ۽ قرب ڏي، قربان قدمن تان ٿيان
تنهنجي پيرن جي چُمڻ پيارا پٽي آيو آهيان

ڌن ۽ دولت کان سواءِ پيش خدمت پر خلوص
تولئہ تحفا مڻ محبت جا کٽي آيو آهيان

مرتضيٰ کي محب منهن کولي، کِلي کينڪاريو
هام هلندي مهل اهڙي اڄ هٽي آيو آهيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڪڙيون مٿي ڪڻ

اڪڙيون اسان ڏي ڪڻ تہ سجڻ
پلي تير نظر جا هڻ تہ سجڻ

اچ ويهہ مون ڪان حال وٺ
دل جا ڏٺي احوال وٺ
سور اندر جا سُڻ تہ سجڻ

تو مور محفل ۾ وهين
سهٽن سين ۾ ائين لڳين
تارن ۾ چنڊ چڻ تہ سجڻ

جڏهن جڳ سڄو مان تنهنجو ٿيس
تو لاءِ مُئس، تو لاءِ جيئس
ڳالهہ انهيءَ ڪي ڳڻ تہ سجڻ

ڏس مرتضيٰ جي گهر اچي
اي ماهرو مهمان ٿي
محبت جا ٽٽي مڻ تہ سجڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اک اٽڪائي

وھ وا، اک اٽڪائي اوڏولڻ وھ وا، اک اٽڪائي
وھ وا، اک اٽڪائي او ڏولڻ، گھورن دلڙي گھائي
او ڏولڻ وھ وا، اک اٽڪائي

ناز منجھان جي نيڻ ڪٽي تو، تيرن تي تون تير ھٽي تو
پوءِ بہ ڏاڍو مونکيھ وٽي تو، ماٺن ساڻ مچائي
او ڏولڻ وھ وا، اک اٽڪائي

خوب خماريل ديد ڪچن ٿا، ھرھر ھينئڙي چرک پَوَن ٿا
چوري چوري دل ۾ چُبن ٿا، تارن تابش لائي
او ڏولڻ وھ وا، اک اٽڪائي

مرتضيٰ ڪي تو مرڪي مارين، نرمل نيڻن ساڻ نھارين
روز تو مارين، روز جيارين، راڻل راند رچائي
او ڏولڻ وھ وا، اک اٽڪائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پورھيت جي عظمت

محنت ڪش انسان، مبارڪ محنت ڪش انسان
تنھنجا ڪئين احسان، مبارڪ محنت ڪش انسان

تنھنجي ڪمائي دنيا ڪائي، تون تو ئاھين جڳ تو پائي
ھر ھڪ تنھنجا ڳڻ پيو ڳائي، ادنيٰ ۽ سلطان
مبارڪ محنت ڪش انسان

ڏونگر ڏاري راھون جوڙين، ميدانن ۾ خيما کوڙين
دريائن جا منھن تون موڙين، ھرڪو ڏئي انسان
مبارڪ محنت ڪش انسان

تون ئي ھاري تون مزدور، تون ئي پکيڙين جڳ ۾ نور
مَٽ نہ ڪوئي تنھنجو مور، شاھي تنھنجو شان
مبارڪ محنت ڪش انسان

گرمي، سردي منجھہ گذارين، ڏک ۽ سک ۾خوش تو گھارين
ڪينو ڪلفت ڪينکي ڏارين، مرڪيوماٺين مان
مبارڪ محنت ڪش انسان

توئي واھڙ واھہ وھايا، توئي ساوا باغ بنايا
محنت سان تو آھن ٺاھيا، سھڻا محل مڪان
مبارڪ محنت ڪش انسان

پنھنجو لايو ڪري سجايو، گيت خوشين جا گڏجي ڳايو
منڙا محنت ساڻ اُپايو، موتي ۽ مرجان
مبارڪ محنت ڪش انسان

مرتضيٰ ميا تنھنجا ٺورا، تو سي لاٿا ھينئڙي ھورا
ساٿي ٿيندئي رب صدورا، جاننا، جُنگ، جوان
مبارڪ محنت ڪش انسان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دلڙي ڪئي تو چوري

لائي تہ سجڻ مونکي لوري لوري
منهنجي دلڙي ڪئي تو چوري چوري

دلڙي چوراڻ، لوڪان لڪائڻ
ڳالھہ تہ ناهي توري توري

هاڻ جدا ڪيئَن جالي سگھبو
جيءَ اندر لڳي جهوري جهوري

پلپل پيارا تنهنجي پسڻ لئہ
هينئڙي ڪي آ، هوري هوري

مرتضيٰ تو تان مرڪي مرڪي
دلبر دنيا گهوري گهوري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مگر تون نہ آئين!

مکم ڪئين مياريون، مگر تون نہ آئين!
ختم ٿيون بهاريون، مگر تون نہ آئين!

سنڌءِ ڪاڻ سھڻا صبح، شام ڪيڏيون،
مون واٽون نھاريون، مگر تون نہ آئين!

صنم سوچ تنھنجي ۾ تارا ڳڻيندي،
مون راتيون گذاريون، مگر تون نہ آئين!

صبح شام ريلون ڏنم ننڊ ڦٽائي،
لنگھي وِيون ڪي لاريون، مگر تون نہ آئين!

خلاصن خطن ڪان سوا فون تي پي،
ڪيم توکي زاريون، مگر تون نہ آئين!

سکيس عشق تنھنجي ۾ سرگم ۽ پلٽا،
پھاڙيون، ڪوھياريون، مگر تون نہ آئين!

سَنم تنھنجي سڪ ۾ سڄڻ يار ڇا ڇا،
ٿيون ڪاريون واريون، مگر تون نہ آئين!

غزل هن قسم جا لکي مون ڏاڏاھي،
ڪنيون ڪَئين خواريون مگر تون نہ آئين!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪلندو رهندين

جيئن جيئن خوش ٿي ڪلندو رهندين
تيئن تيئن مونکي وڻندو رهندين

گهايل گهورن سان ڪرڻ لئہ
تير نظر جا هڻندو رهندين
تيئن تيئن، مونکي وڻندو رهنديس

دل جون دل سان ڳجهڙيون ڳالهيون
سهڻا سائين سڻندو رهندين
تيئن، تيئن مونکي وڻندو رهندين

ڪارا ڪجلا، گهرا غزالي
نيڻ نماڻا ڪڻندو رهندين
تيئن، تيئن مونکي وڻندو رهندين

مور پکيءَ جئين منهنجي مهندان
هوريان هوريان هلندو رهندين
تيئن، تيئن مونکي وڻندو رهندين

مرڪي، مرڪي منهنجا مٺڙا
ڏاڏاهي ڏي ڏسندو رهندين
تيئن، تيئن مون کي وڻندو رهندين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دربند نہ کجان

پاڙي پيارا، وچن پنهنجي پيار جا
دربنـد نہ کـجان ديـدار جـا

ساري جڳ مان تون مونکي وڻي وين
منهنجي دل جو تي دلبر ڏٺي وين
سڀ سهڻا ڇڏيـم سنسار جـا

جڏهن دل سان تنهنجي ديد ٿئي ٿي
تڏهن منهنجي منڙا عيد ٿئي ٿي
تـا گُلـڙا تـڙن گـلـزار جـا

نـاهي صورت ۾ تنهنجو کو ثاني
نکو سـيرت سنـدو جـوڙ جانـي
هُـل هـر هـنڌ حُسن هُبڪار جا

مـج منهنجي عـرض الـتجـا کي
مِـل مُرکي اچـي مـرتـضـيٰ کـي
مـائيـون مـور مـزا ملـهار جـا


Scanned with CamScanner

# لئون لڳايو وڃان پيو

مٺا لئون اوهان سان لڳايو وڃا پيو
پنهنجي دوست دلڙي ڦرايو وڃان پيو

سدا ياد آهيو، سدا ياد رهندا
خبر ناهِ موٽي ڪڏهن محب ملندا
سوين سور دل ۾ سمايو وڃان پيو

صبح، شام، سانجهي سڄڻ توکي ساريان
پرين پيار تنهنجو پلا ڪيئن وساريان
پنهنجو پاڻ قابو ڪرايو وڃان پيو

مٺي مُرڪ تنهنجي مٺيون تنهنجون باتيون
سدا يا رهنديون، اهي لال لاتيون
نديون نيڻ نارا وهايو وڃان پيو

خوشيءَ ۾ سدا شال خوش تي گذارين
مَتان مرتضيٰ کي ڪڏهن تون وسارين
اهو عرض سهڻا سڻايو وڃان پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مِٺي ڪيئن مٺايان

وٽن تا وطن جا، هي نرمل نظارا
سڪيا جنهن ۾ سانگي، رهن سونهن وارا

رهن شاد آباد گلزار، گلشن
سدائين سگهارا، جتي مور مرڪن
ٽيا سبز، سرها، ڪنڌيون ۽ ڪنارا

پلي پالوا جي مِٺي ڪيئن مٺايان
جهنگن ساڻ جنت، برابر نہ پايان
مٺا منهنجي مارن جا پڪڙا پيارا

سخي مرد سچ ٻول بانڪا بهادر
محافظ وطن جا، هي دودا دلاور
جيئن شال جوڌا، جوان جيءَ جيارا

مٺي مرتضيٰ مهر آهي وطن جي
چڱائي وٽي جنهن کي، ٿي هن چمن جي
ترقي جا جنهن ۾ اچن ٿا اشارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڏائين ها تہ چا ٿئي ها

جدائي جي خبر جاني، سڏائين ها تہ چا ٿئي ها
اندر جي آگ اُڌمن کي اُجھائين ها تہ چاٿئي ها

نظر تو ناز واري ڪئي، اچي بر ۾ بهاري ڪئي
مگر افسوس ايندئي، وڃڻ جي تو تياري ڪئي
انهيءَ کان پيچ محبت جو نہ پائين ها تہ چا ٿئي ها

سڄڻ ٿيا سال سارينديِ، سنڌئي گوندر ۾ گھارينديِ
اسانجي عيد ٿي پئي ها، ڪڏهن ايندي، ڪڏهن ويندي
گھڙي ڪن لئہ قدم گھر ۾ گھمائين ها تہ چا ٿئي ها

جڏهن توسان لئون لايم، فقيري ويس بہ پايم
اوهانجي در مٿي دلبر، اچي ديدار لئہ دانهيم
سڪايل جا سُٺي سڏڙا، سَڏائين ها تہ چا ٿئي ها

ٻلائي ڪنهن بهاني تي، ڪري پنهنجي ديواني تي
مرتضيٰ جي مٺا سائين، اُڏامي آشياني تي
دُکيءَ دل سان پنهنجي دل ملائين ها تہ چا ٿئي ها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مِل تون اچي خدارا

گذري جو ويو زمانو، ايندو نہ سو پيارا
مل تون اچي خدارا

خوشيون ڪسي صنم تو، هي اشڪ غم عطا ڪيا
توکان جدا وَهي تو، هن دل تي روز چا، چا
اکين مان آب جاري، نِت نينهن جا نيسارا
مل تون اچي خدارا

فرقت ۾ سهڻا دل جو، گلشن اُداس آهي
هر گل ۽ هر ڪَلي تي ڇائين تہ ياس آهي
قسمت بہ ساٿ ڇڏيو، وڇڙي ويا سهارا
مل تون اچي خدارا

بيمار عشق جي لئہ، تي تون مٺا مسيحا
درد فراق ۾ ڏي، ديدار جي دوا ڪا
مهجور مرتضيٰ جي اعليٰ علاج وارا
مل تون اچي خدارا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وسارين اچان پيو

گھٽو دور دلبر گذارين اچان پيو
سبب ڪھڙي، سھڻا وسارين اچان پيو

سڄڻ روز ساري روئان رات ساري
ڪئي ڪا نہ ڪا تو پرين پوءِ واري
رھي ڏار راڻا رڙارين اچان پيو

پسڻ لاءِ تنھنجي سندم نيڻ پياسا
ڪري مھر منڙا ڏي دل کي دلاسا
چو ڏڪڙا ڏکيءَ کي ڏيکارين اچان پيو

گھريم يار جاني ھزارين دعائون
سخا سونھن جي لئہ سدائين صدائون
مگر پنھنجي در تان ڌڪارين اچان پيو

سيئي غمرءِ گوندر پلارا پُلائي
اچي مرتضيٰ سان ڪلي دل ملائي
ڪري مور ماڻا چو مارين اچان پيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منهن نہ لڪاءِ

رحـم ڪـر، اي ناز وارا ڪـو خدا جي واسـطي
منهنجي محبت جي ڪري، منهنجي وفا جي واسطي

طالـب ديدار لئـہ تـون ڪـول در ديـدار جـا
نينـهن ۾ نـازڪ بـدن نـاز و ادا جـي واسـطي

آهہ وزاري، بيـقـراري جـي خـبـر سـاري اٿـئـي
ڪـر سخا سائل مٿي سائين صـدا جـي واسـطي

ادب سان هڪ عرض آهي، عرض عاجز جـو اگهاءِ
اچ اگڻ، سهڻا سـجڻ هن التـجـا جي واسـطي

قـرب وارن جـو قـدر پيـارا ڪـري پـيـرا پـري
مهـرباني ڪر ملڻ جي مرتضيٰ جي واسـطي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنھنجي وس آھي

دلاسن سان دکي دل کي ڏتارڻ تنھنجي وس آھي
جلي ويٺي جان آ، جاني جيارڻ تنھنجي وس آھي

نگاھن سان نگه ملندي ڏنم دل دوست نذرانو
شمع سمجھي پيس ٻڻجي پيارل پاڻ پروانو
اُجھائڻ آگ دل جي ھاڻ ٻارڻ تنھنجي وس آھي

رھين تو ياد ھر پل ھر گھڙي ھر حال ۾ ھردم
طلب ۽ تات تنھنجي، رھندي منھنجي من اندر تادم
سڄڻ سائين سندم سارڻ وسارڻ تنھنجي وس آھي

فدا آھيان، فنا آھيان، اوھان جي گھور جو گھايل
صفا ناشاد ۽ برباد، دلبر درمتي آيل
ڏکارڻ يا وٺي ويجھو وھارڻ تنھنجي وس آھي

پري تو کان پرين پيارا سدا غمگين گھاريان تو
نيسارا نيڻ نت واھي، ويھي واٽون نھاريان تو
،نا من مرتضيٰ کي منھن ڏيکارڻ تنھنجي وس آھي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ملندين ڪڏھن

سڪ سنديءَ سھٽا ستايو چئو پلا ملندين ڪڏھن
آ، اندر تو لئہ اُڃايو چئو پلا ملندين ڪڏھن

مون مُڪا محبوب توکي ڪئين نياپا نينھن جا
تہ بہ نہ ڪو احوال آيو چئو پلا ملندين ڪڏھن

نيڻ نارا ڪيو وَھن توکان جدا، جاني سدا
جيءُ جُسو فرقت جلايو چئو پلا ملندين ڪڏھن

ڏينھن گذري ويا ڏئي، تہ بہ تر تفاوت ڪو نہ ٿيو
گھوٗر تنھجي اھڙو گھايو چئو پلا ملندين ڪڏھن

مرتضيٰ تي مشڪلاتن ۾ وھيو چا واپريو
مون سڄڻ سڀ ڪُجھ پُلايو چئو پلا ملندين ڪڏھن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پرديس وارن کي سلام

واءِ وچين ڏي پيار مان پرديس وارن کي سلام
پيش پيرين پئي ڪجان، پلپل پيارن کي سلام

منت منهنجي تون مڃين، واءَ وڇوڙيل جا وچين
سڪ سندا ساري ڏجين سؤ سؤ سونهارن کي سلام

حُب منجهان هر هر هلي، خوب خوش ٿي ۽ ڪلي
مهرباني سان ملي، ڏج منهنجي يارن کي سلام

آسرو آهي اکين، شل مٺا موٽي اچن
ياد جيڪي ٿا پَوَن، تن قربدارن کي سلام

ڏج ڏکويل ڏور جا، چاڪ چڪيل چوُر جا
مرتضيٰ مهجور جا، تن ماه پارن کي سلام

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وقت ئي ظاهر ڪندو

حُسن جي جادوگري، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو
عقل ۽ ديوانگي ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

مان ڪيان هر دم اوهان جي نينهن ۾ پيو نوڪري
دست بستہ بندگي، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

تنهنجو بي پروا رهڻ مونکي مٿا معلوم ناهِ
بي سبب جي بي رخي، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

دل ڦري بيوس ڪري، ٿو بي ڪسي تي تون ڪلين
دلربا هِن دل لڳي، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

بي وجه اهلَ وفا ڪي آزمائي ڇا ڪبو
ڪوڙ ڪي ۽ راستي ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

وقت کان اڳ امتحان جو آيلا ڪهڙو ضرور
دشمني يا دوستي، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

مرتضيٰ ميدان ۾ ٿيندي فتح هڪ کي نصيب
موت ڪي يا زندگي، ڪي وقت ئي ظاهر ڪندو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ياد تو ھر ھر اچين

رھين ياد ھر دم تو سھڻن جا سائين
صنم دل سندم جو تون سينگار آھين

سجڻ جيڪي واعدا ڪيا تو وصل جا
اتم ياد پلپل سي انجام تنھنجا
ڪيل قول پنھنجا سيئي شل نيائين

شمع' آھين سھڻا مان پروانو تنھنجو
سدا مست وشيدا ۽ ديوانو تنھنجو
متا يار دلبر نہ دل تان ڀُلائين.

تصور ۾ توکي ڏسان رات ڏينھن ٿو
وسن ايئَن اکيون جيئَن وسي ميگھہ مينھن ٿو
اچي غم وڇوڙيل جا غمخوار لاھين

جدائي ۾ جاني وتان ٿيو ويچارو
ڏکن ۾ بہ سھڻا آ تنھنجو سھارو
اچي پير پيارا اڱڻ تي گھمائين

گھري مھر تو کان مرتضي ڏاڏاھي
عرض ھي اگھائي سگھو يا الاھي
مٺو يار محبوب مولا ملائين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٿي مران مهراڻ ۾

ٿي مران مهراڻ ۾ تون مل اچي، ميهار يار
تار ۾ تارو نہ آهيان، تار مان تون، تار يار

سير ۾ سائي تجان، ساھڙ سٽي سڏڙا سندم
تون ملين پوءِ پل پٽينَم هي مَچيون هڏ ماس چم
شل نماڻا نيڻ ڪن دلبر سندو، ديدار يار

آب اونهون رات ڪاري ۾، ڪيا ڪڙڪا ڪُنن
مچ مڙيا مون تي هزارين، ورڏيو واڳون ورن
تن منجهان طاقت ويئي عضوَن ڇڏيو اختيار يار

تِنهن گهڙي تان گهور ٿيان جنهن محب سان ميلو ڪيو
مهر ڪئي مهراڻ مرڪي محبتي ميهر مليو
وهڪري وچ وير ۾، سائي سڄڻ سردار يار

دادلي درياھ جون ويون مٿم ويرون وري
مرتضيٰ محبوب لئہ آهم اچان دلڙي چري
پاڻ پهچائي اچي پنهنجن هٿن سان پار يار

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اھو ڏوھ اکين جو آ

دل تنھنجي ناھ خطا
اھو ڏوھ اکين جو آ

دل تو تہ گھڻو سمجھايو، پر اکڙين پاڻ اڙايو
پل پوڳين ھاڻ سزا
اھو ڏوھ اکين جو آ

ھئي اکڙين جي تہ پسند، جن توکي ڪرايو بند
پيون روئن رت ڦڙا
اھو ڏوھ اکين جو آ

سڀ توکي ڏوھ ڏيئن، اکڙين کي ڪجھ نہ چوَن
تون ڪولي صاف ٻُڌا
اھو ڏوھ اکين جو آ

تون مون کي معاف ڪجان، دل مون لئہ روزنوان
تو پاڻ تي گھاءُ سنا
اھو ڏوھ اکين جو آ

تو مرتضيٰ" منت ڪري، ڏس دلڙي ڏيان ڌري
پنھنجي غلطي ڪانھي ڪا
اھو ڏوھ اکين جو آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اُتر، اولھہ، تر، ڪراچي، لاڙ وارا ياد پيا

اڄ دکي دل کي وري دلبر دلارا ياد پيا
راتڙيون، راحت پريون، ڏينھڙا پيارا ياد پيا

جن پٽن تي مون ۽ پرينَ قرب جا ڪاڏا قسم
سي خُدا جو سُنھنُ نگاھن کي نظارا ياد پيا

ڪِل، خوشيءَ ۾ گڏ گذارياسين ورھيہ جن سان ويھي
ساھہ سيباڻا اھي، سانوڻ سيارا ياد پيا

ھو عجيبن جا اوتارا، مور ماڻھو محبتي
اتر، اولھہ، تر، ڪراچي، لاڙ وارا ياد پيا

جيءَ ۾ جايون ڏئي جن تي جياريو جيءَ کي
جانِ من جاني اھي جيءَ جا جيارا ياد پيا

حسن ھو، ھبڪار ھئي، سنيگار ھو، ڪينڪار ھئي
تن پري چھرن سندا پلپل پسارا ياد پيا

بيلھڙن سان پانھاريون تي ھليون ڪريو قطار
گھيڙ، گس، ڪاٺيون، ڪوھر، ڪنڌيون ڪنارا ياد پيا

ھو رُٺا مون تي مچايو، مان رُٺس راضي ڪيون
اڄ رسڻ، پرچڻ ڪِلڻ ۽ انگل آرا ياد پيا

آسمان تي ڪار ڪڪرن جي ڏسي اي دوستو
مون مٿي محبوب جا اڄ وار ڪارا ياد پيا

مرتضيٰ جن مانَ وارن، مانُ تي مرڪي ڏنو
سي سڄڻ سائين سندم سا ئي سھارا ياد پيا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# راڄ راڻي مارئي

تو نہ لوئي کي لڄايو راڄ راڻي مارئي
سنڌ کي آ ناز توتي سنڌياڻي مارئي

تنھنجي مارن سان محبت ۽ صداقت لازوال
جنھنجو دنيا ۾ ملي سگھندو نہ ڪڏھن ڪو مثال
ساک سانگين جي رکي تو سانگياڻي مارئي

تو نہ محلن سان مٽيا لوڙھا ۽ لانڊيون چونرڙا
تو پسند ڪيا وڏ ٻِلائڻ ڪان پُسيون ۽ ڏونرڙا
سادگي تنھنجي تان صدقي اي سياڻي مارئي

سيل ۽ ست جو گھٽو توکي ڏنو ڏاتار ڏاڃ
پيش خدمت تو ڪريان آئون عقيدت جو خراج
پَٽ پَسي تو نا مٽي پوتي پراڻي مارئي

تون پٽن جي ير ۾ چائين تر توھر گھر جھوپڙا
ويس تنھنجو واھ جو آ، ڳچ پيٽيون ۽ پڙا
سنڌڙي جي ناميارِي، نيڪ نياڻي مارئي

تنھنجي ٻاٻاڻن سندي ٻا ٻيس ۽ ٻولي مٽي
لوڏ ۾ لوڏي ڏنائون لات سان لولي مٽي
ساھ سيني ۾ سدا منھنجي سيباڻي مارئي

توئي عورت کي توڪل جو سبق سيکاريو
عزم وھمت جي اڳيان حاڪم عمر پيي هاريو
تر متي تورا لڪين تنھنجا ترياڻي مارئي

ڏاڍ ۽ ڏک ۾ رکي عزت ۽ عصمت برقرار
تو وڃايو ڪونہ پنھنجو ۽ پنھوارن جو وقار
ڪر نہ موڙيو ڪوٽ ۾ تو قيدياڻي مارئي

مَٽ ٻلاڪو ملڪ ٿئي ڪيئن تنھنجي منڙي ملڪ سان
مرتضيٰ کي تو وٽي وڏ شربتِ شيرين ڪان
تڙ تراين جو تڏو ۽ پاڪ پَاڻي مارئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قرب نہ ڏيندين

قرب نہ ڏيندين پاڻ پليندين
هليو ويندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

پيار جي عيوض پيار نہ ڏيندين
مان بہ نہ ڏيندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

دردہ وَندن کي دوکا ڏيندين
پوءِ پڇيندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

انگل آرا خوب ڪنيا مون
هاڻ نہ ڪٽندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

جڏهن جاني هَٿ چڏيندين
سائين سڏيندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

ڏس پرچائي ڏاڏاهي کي
ڪونہ مڃيندو ساڻ
الاڙي مور نہ ملندو ساڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نہ تو سمجھيو، نہ مون سمجھيو

محبت ۾ ملاوت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو
دنيا وارن جي فطرت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

نہ توکي پيار هو مون سان، نہ مونکي عشق توسان هو
گھڙي ڪن جي شرارت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

تو سمجھيو باوفا هوندس، مون سمجھيو باوفا هوندين
حقيقت ۾ حقيقت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

ڏنو ڪو عيد تي تحفو، نہ تو مونکي نہ مون توکي
صنم هھڙي سخاوت ڪي، نہ تو سمجھو نہ مون سمجھيو

ڪرڻ شاپنگ تي چاهي سون، وڃي بازار ۾ ليڪن
مھانگائي مصيبت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

حسد جي باھہ ۾ ويرين، چڙيو ڪجھہ وقت ويڙهائي
رقيبن جي رقابت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

سڄڻ جي روپ ۾ دشمن ظلم ناهي تہ ٻيو چاهي
نڳي دوکي، عداوت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو

منافق ميسڙا ماڻھو، ويا ڳيھي ۽ ڳڙڪائي
حريفن جي تہ حرفت ڪي، نہ تو سمجھو نہ مون سمجھو

ڏٺاين جي ڏٺن جا ڏس، ڏٻا ڏيھن ڪي ڏاڏاهي
جني جي ڪوڙ ڪُلفت ڪي، نہ تو سمجھيو نہ مون سمجھيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# نڪا منهنجي سري، نڪا تنهنجي سري

پرين ڇوٽو وڃين پرديس پري، نڪا منهنجي سري نڪا تنهنجي سري
ڏس دلبر جاني ڏيان ڏري، نڪا منهنجي سري،نڪا تنهنجي سري

مون تولئہ اکين ۾ جاءِ اڏي، ٻي ساري دنيا دلدار ڇڏي
ڳوڙهن سان نماڻائيءَ پري، نڪا منهنجي سري نڪا تنهنجي سري،

پنهنجي محبت يار مثالي آ، پنهنجي پريت جي ريت نرالي آ
تي هرهر هينئڙي منجهہ هري، نڪا منهنجي سري،نڪا تنهنجي سري

ڪنهن ڏيپ ڏنو، ڪنهن ڏوهہ ڪيو، پر دلڙيءَ کهڙو ڏوهہ ڪيو
پئي ڳڻتين ۾ جا روز ڳري، نڪا منهنجي سري نڪا تنهنجي سري

هِت مرتضيٰ مفت ميارن ۾، وڃ ڪين وڃهي ويچارن ۾
هي نينهن نگر برباد ڪري، نڪا منهنجي سري، نڪا تنهنجي سري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وجهان ويئي فال مٺا

توکي سارينديءَ ٽيا سال مٺا
ڪڏهن ايندي وجهان ويئي فال مٺا

تنهنجي ڪاڪل ڪيڏا ڪلور ڪيا
سوين گهاءُ اندر ۾ گهور ڪيا
وري نينهن اهي ناسور ڪيا
آهي فرق نہ ڪو في الحال مٺا

سوا تنهنجي نٿو ڪو سڄڻ وڻي
نڪين گهوٽ مون کي تو گهمڻ وڻي
نڪو کِڻڻ وڻي، نڪين پيئڻ وڻي
واهيان جر پئي اکين مان جال مٺا

پوري ڏاڏاهي جي تہ مراد ڪريو
ناشاد آهيان اچي شاد ڪريو
آهيو ياد سدا، ڪجهہ ياد ڪريو
هيٺا هجر ۾ آهن حال مٺا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تون نہ وچ

پيار ڏيئي پنھنجو ڪري پرديس پيارا، تون نہ وچ
ڪين جي سگھبو جدا، جيءَ جا جيارا، تون نہ وچ

پل نہ پاسي پاڻ ٿيبو، توپرين خود ھو چيو
ھاڻ گوندر ۾ گذي دلبر دلارا، تون نہ وچ

ھي رھائيون روح واريون، باغ بوندون ۽ بھار
اڄ اُجاڙي سي سڄڻ نوري نظارا، تون نہ وچ

ھجر جي ھر رات ھانجون، ڏينھن ھڪ ڏونگر مثال
ڪيئن ڪٽي سگھبا سڄا ساوڻ، سيارا، تون نہ وچ

پاڻ ھڪ ٻي ڪان پري، تنھنجي نڪا منھنجي سري
قرب جو توکي قسم اي قرب وارا، تون نہ وچ

مرتضيٰ محبوب تنھنجو آھِ تنھن سان گڏ گذار
سات سورن ۾ ڇڏي ساٿي سونھارا، تون نہ وچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# روح جا راڻا موتي آ

رات رنو مون راس نہ آيا، خواب سُهاڻا موتي آ
سانوڻ آيو جاڳي پيا سپ، سُور پراڻا موتي آ

توريءَ ساعت ڪانہ سري ٿي، چو تون وينيہ پاڻ پري ٿي
وسڪاري جيئن روز وسن ٿا، نيڻ نماڻا موتي آ

توبن واديون ويران آهن ڪاڏا خوشيون ڪجھ يي ناهن
توکي ساري سهڻل ٿي ويا سَنڌ بہ ساڻا موتي آ

مهل ملڻ جي گذري وئي، رات بہ رئندي نبري وئي
جيءَ جهري پيو جانب جڏهن، ٽريا ٽاڻا موتي آ

توريءَ ڪھڙيون ريجھ رهائيون، ڪنهن سان ڪريان قرب ڪهاڻيون
راهہ ۾ رولي ويھہ نہ رُسي تون، روح جا راڻا موتي آ

اکڙين ۾ آلاڻ اچي وئي، من اندر مانداڻ مچي وئي
ياد مرتضيٰ پيڙا جنهن دم، مرڪون ماڻا موتي آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دوستن ماري وڌو

دشمن جي ناهہِ پروا، دوستن ماري وڌو
گهڻ گهُرن جو، ويس پائي، مَٺ گهُرن ماري وڌو

غير آخر غير آ، ڪهڙي پراوَن تي ميار
پر هِتي پنهنجن منافق، ميسڙن ماري وڌو

جن ڪي پالي ۽ پڙهائي، الف انب سيکاريم
ظلم آهي، اڄ اڪيون پوري انهن ماري وڌو

صورتون اُجريون اڇيون ۽ سيرتون ساريون سياهہ
اندر جي ابليس اهڙن، مُنهن مِٺن ماري وڌو

دوستيءَ جو، جن رکيو، دوکن، فريبن تي بنياد
تن دغابازن، لٽيرن ۽ ٺڳن ماري وڌو

واٽ ڏيکارڻ لئہ جيڪي، سفر ۾ سونهان ڪنيم
مون مسافر کي سفر ۾ تِن، سونهن ماري وڌو

پاڻ پنهنجي گهر رکيا مون، چور چوڪيدار، پوءِ
هاڻ چوندو ٿو وتان يَر، دشمن ماري وڌو

مرتضيٰ محبوب کي ڪٿين عرض ۽ آزيون ڪيم
آ، اڃان بس، اڄ سيّان جي، آسرن ماري وڌو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اچ اُڏامي ڪانگ قاصد

اچ اڏامي ڪانگ قاصد تون پرين جي پارجا
آڻ ڪي اُهڃاڻ الفت ۾ اڪين جي تار جا

چڱ چگيري ڇهنب چوري، چانبن جيڪي ڇيو
منهنجي منٽن جو عجيبن تي اثر ڪهڙو ٿيو
ڏي سڳهو ساري سنيها، سونهن جي سردار جا

لاٽ جن جي آلبن تي، تات ڪاتن کي ٻه هٿي
منهنجي محبوبن ملڻ جي ڳالهه ڪا توسان ڪئي
درد وندن لاءِ ڪلندا در ڪڏهن ديدار جا

آءُ پکي تنهنجي پرن کي سون سان سينگاريان
مشڪ عنبر تو مٿان خوشبو ڪتوري هاريان
دم دلاسا ڏين اچين جي دلربا دلدار جا

مرتضيٰ لئه محب ڪهڙيون سوکڙيون مرکي مڪيون
پيار مان پيغام پيارا پرت جون ڳالهيون پڪيون
هٿا حُڪم ڪهڙا ٻيا مون لئه هينئين جي هار جا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# غريبن سان گھاريو

ڇني سي ڇڏي ويا، جني گڏ گذاريو
وساريم نہ جن کي، تني اڄ وساريو

ڪري پيار جن ساڻ دلڙي لڳايم
ورهين جا ورهيہ نينهن ناتونڀايم
ڌڪي اڄ انهن آهہِ در تان ڌڪاريو

رهن مون تي راضي هلايم ڪي حيلا
ڏنم تن کي ڏاڍا، ولين جا وسيلا
مگر ڪين محبن غريبن سان گھاريو

پڙهو عشق جي آئون اخبار آهيان
غمن جي فسانن سان ٿمٿار آهيان
ڪري غور منهنجا ويهي ورق واريو

ويا وڻ زماني مان وڃي وفا جا
اچي حال هيٺا ڏسو مرتضيٰ جا
جيئَس ڪاڻ جن جي تني پاڻ ماريو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٽڙ ونو ٽڏڪار ٽي

ٽـرونو ٽڏڪــار ٽـي محبـوب مـارن عيـد ڪئـي
ساوڪون سھٽيون پسي سانگي سنگھارن عيد ڪئي

ڏڪ ويــا ڏاتــارلاٿــو ڏيــھ ڏوٿيـــن تــان ڏڪار
سـڪ پسـي سـرھـا ٿيـا ساٿيھ ۾ آيو سڪار
ويڙھـ وانڍين ڏڻ ڏنارن، مـال وارن عيد ڪئي

برسيـا بـادل پٽن تـي ميگھ مـھراڻي مـلير
مرٽ مڪٽي موريا ۽ جـام ڳاڳيون، ڳـم ڳنڍير
پــاڪ پاڻــي پلرجو پئيـنـدي پيـارن عيـد ڪئـي

چـؤطرف چونرن اندر چوڙيلـيـون ڇھ ڇھ ڪريـو
خوش ٿيو مرڪيـو مـليـو ٿيـون ڏين واڌايـون وريـو
ور ســهاڳڻ يــاڳ وارـن ۽ پـتـارن عــيـد ڪـئي

مرتضيٰ مينھڙا ونا، پيرون پـڪا سھڻا سنا
وانڍ يارا وس متي ٿيا ڪاھ ڪـاھي ڪُل ڪنا
ڪير ڪاٽو نبا، ڪنيون ڪاٽي پنھنوارن عيد ڪئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اجان دل اُداسي

عجيبن لئہ آهي اجان دل اداسي
ڦري ڪيئن جيڪا ويئي يار ڦاسي

ڪري ڪانگ قاصد الاهي اماڻيم
وڇوڙي ۾ واٽن متي خاڪ ڇاڻيم
ڪڏهن قرب وارا ڪندا درجي داسي

روئن روز اکڙيون رهاڻين لئہ راڻا
متيون خاص مرڪون پوَن ياد ماڻا
پرين جي پسڻ لاءِ پنبڻيون پياسي

لڳو نينهن نازڪ ويا شوق سارا
ڪڏهن گوڏ گيڙو ڪڏهن ويس ڪارا
سڏي ڪوئي سامي، ڪو جوڳي سناسي

ورهيہ ٿيا نہ ويچو وفا ۾ پيو ڪو
هٽيو ڪين هينئڙو ذرو مرتضيٰ جو
ملڻ لاءِ محبن اٿم باس باسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ڪاڏي وڃان

گلبدن تنهنجي گهٽي ۾، گس ڇڏي ڪاڏي وڃان
ڏور توکان مان ڏکويل، ڏس ڇڏي ڪاڏي وڃان

ناز سان ناٺي بنان، ڪئي خوبرو مون کي خريد
نينهن تنهنجي ۾ آهيان، ناڪس ڇڏي ڪاڏي وڃان

قرب تنهنجي ۾ اچي تو قلب منهنجي کي قرار
تنهنجي پير ۾ آبهاري، بس ڇڏي ڪاڏي وڃان

دوستي جي دين ۾ تنهنجو مٺا آهيان مريد
تو سوا ڪونهي وسيلو، وس ڇڏي ڪاڏي وڃان

مرتضيٰ لئہ تنهنجي محفل ماهرو معراج آ
هي رهائيون روح واريون،رس ڇڏي ڪاڏي وڃان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڄڻ جي سوغات

سڄڻ ڏني سوغات
سورن جو سامان سهيڙي

حال وندن لئہ حال وڃايم، جانب خاطر جهولي پايم
ڏکڙن جي هي ڏات
آندي اسان لئہ عشق اويڙي

آئون چا چاڻا سور سفر جا، راز ۽ رمزون انت بحر جا
ڪهڙي بتايان بات
نينهن رندن جي آنديس نيڙي

پلپل پرينَ صحبت ساري، ڪوڙئين قاصد ڪانگ اڏاري
راھہ ڏنم ڏينهن رات
جل جدائي جو تو جهيڙي

مرتضيٰ محبن ميلو ٿيندو، رحمت وارو ريلو ايندو
ڪا بوند وسي برسات
منڙن ساڻ مونکي شل ميڙي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# چريو مست مشهور آهيان

ڪيو توڪان قسمت ڪٿي دوُر آهيان
مگر تنهنجي محبت ۾ مسروُر آهيان

ڪڏهن روح تڙپيو ته ويهي رنون مون
ملئين تون ته محبوب مرڪي ڏنو مون
ڪيو خوب گهايل سندئي گهوُر آهيان

متاموں نه چاتو ڪڏهن ايئَن به ٿيندو
وصل ڪان وري پوءِ وڇوڙو به ايندو
انهن يار ڇهڪن ڪيو چوُر آهيان

ڪيو نينهن نروار نعرو لڳايم
سيئي سور سختيون ڪٿي سرسهايم
صداقت جي سوريءَ تي منصوُر آهيان

يلي مرتضيٰ ڪي چڏي موت ماري
پرين پيار تنهنجو نه سگهبو وساري
چون تا چريو مست مشهوُر آهيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# تنهنجي صورت تان سر ساھ فدا

تنهنجي صورت تان سر ساھ فدا،هڪ وار ته ڇا سؤ وار ڪريان
تون مون سان ملين مان توسان ملان، تون پيار ڪرين مان پيار ڪريان

تون سونهن سندو سردار سدا، آئون گهايل ۽ غمگين گدا
هرگز نه ڪجان هرحال جدا، تنهنجو دم دم پيو ديدار ڪريان

سڪ سوز اندر سلطان لکين، تنهنجي در تي سدا دربان لکين
توتي عاشق ٿيا انسان لکين، آئون ادنيٰ ڇا اظهار ڪريان

منهن مرڪ پريو مهتاب ڏٺم، نئون ناز انداز حجاب ڏٺم
پنهنجو پاڻ پرين بيتاب ڏٺم، خاموش رهان گفتار ڪريان

جڏهن دلبر تنهنجو ديد ٿيو، اڇي مرتضيٰ محب مريد ٿيو
تنهنجي خدمت منجهه خريد ٿيو، توتان صدقي ٻئي سنسار ڪريان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# عشق ڪيو انسان

تهنجي عشق مون کي انسانُ ڪيو
ڪري قرب اتئي احسانُ ڪيو

ڏسي مُنهڙو مٺا مخمور ٿيس، جڏهن چاهه تهنجي منجهه چُور ٿيس
تڏهن ماڻهن ۾ مشهور ٿيس
اهو محبت منهنجو مانُ ڪيو

لڳو لالڻ تنهنجي لام آهيان، تنهجو محب مريد مدام آهيان
تنهنجي گولن جو به غلام آهيان
سر ساهه اتم قربانُ ڪيو

تنهنجي فڪر ۾ آئون فقير ٿيس، اچي عشق ۾ يار اسير ٿيس
ڏيئي دل ته سڄڻ دلگير ٿيس
انهيءَ مرڪڻ آ، مستانُ ڪيو

اها مرتضيٰ من ۾ تار اتم، لڳي لئون لئون منجهه لغار اتم
رڳو ياد سڄڻ سردار اتم
اهو عهد اتم پيمانُ ڪيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# برسات پٽن تي

برسي پيچ پٽن تي، بـرسات اديـون
روئي روح ڇيو مونکي، رات اديون

مولا مهر ڪئي منهنجي مارن تي- موڪون مينهن وٺا، ڪي ولهارن تي
ٺـيـا ٺورا گـهٽا ، ٺـر وارن ٺـي
آهي ٺڙ، ٺڙ ٺي اهـا ٺات اديـون

گل جام ڦٽا، گلزاريون لڳيون- ڪي ڇنگ ڇُريا، چڙهيون خوب وڳيون
ڏاوا ڏيول ڏکن، ڏڳا، ڏور، ڏڳيون
پھريو پاڻ وڃن، پرڀات اديون

گولون گُرڙ گهٽا، ٺيا ڪونڌير ڪڪا- پيون پلرن ٺي، پيرون ڪـوڙ پـڪا
لاٿا، للر، ڪنيون، ساوا سگر سڪا
ڏوٺي ڏُٽ ڪي ڇوَن ڏاڍي ڏات اديون

من مرتضيٰ، مـوٺي راڄ رَسـان - ڏھـرون ڏيھہ وڃي ڏاڏاهي ڏسان
شـل پاٺـر ۾ سي پنهنوار پسـان
آهـم سانگيـن ريءَ سڪرات اديون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وري آ وطن تي

وري آ وطن تي رُسي ويھ نہ راتا
چڪي چاڪ پيڙا پيارل پُراڻا

نٺيون جيئري جاني جدايون جڳائن
ڪٺن ڪاريون راتيون پيون ھانءُ ڪائن
ڪيا سوز سازي سڄڻ سند ساٿا

جڏھن ياد ڏينھڙا پيارا پون ٿا
تڏھن ھول ھينئڙي ھزارين اچن ٿا
فراقن ۾ دل جا ڪنول سڀ ڪوماڻا

لنگھي ويا ڪئين سانوڻ، سيارا بہ آيا
الائي چو، ايڏا اڻٽي ڏينھن لايا
ڪرين چو پلا پيو اجان محب ماٺا

مزو مرتضيٰ لڌ نہ گلشن، گلن ۾
سوا تو نہ ساعت سري انجمن ۾
ويا شوق وسري پرين تو پڇاڻا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مرڪي ملڻ ڪنهن ڪان سڪين

درد وارن جون دليون دلبر ڪسڻ ڪنهن ڪان سڪين
گهور سان گهايل ڪري، قيدي ڪرڻ ڪنهن ڪان سڪين

سونهن تنهنجي تان ٿيا صدقي گهڻا شاهہ وگدا
سؤ طرح سينگار تون سهڻا سجڻ ڪنهن ڪان سڪين

هنجهہ هرڻ، حورون پريون سڀ گهور تنهنجي ٿور تان
ناز سان نازڪ بدن هٿ هٿ هلڻ ڪنهن ڪان سڪين

رس رهائين منجهہ راڻا قرب ڏيئي ڪوئي قريب
پرت جون ڳالهيون پرين پيارا پڇڻ ڪنهن ڪان سڪين

مرتضيٰ کي تنهنجي مرڪڻ ۽ ملڻ موهي وڌو
اي منا اهڙو منو مرڪي ملڻ ڪنهن ڪان سڪين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# کھڙو جادو ڪئي

کھڙو جادو ڪئي، اي جادوگر
وئين دلڙي ڪٺي، پئي، ڪا نہ خبر

تنھنجا وار وڏا خمدار ڏئم
جڻ ڪڪرن جي ڪا، ڪار ڏئم
تو جيتيو پنھنجي، ھار ڏئم
ھليو حيلو ھرگز، ڪو نہ ھنر

ٿيو عيد ڪان وڌ تنھنجو ديد سڄڻ
آھي تنھنجي ڏسڻ سان منھنجو جيئڻ
تولئہ روز سڪڻ، توکي ياد ڪرڻ
تنھنجو نانءُ زبان تي شام وسحر

تنھنجي قدمن تي اچي ڪنڌ رکيم
جي ڏک بہ ڏنم تہ بہ اُف، نہ ڪيم
جو ڪجھہ بہ ھُيم سو گھوري ڇڏيم
زر، مال متا، جند، جان، جگر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تو سان هر دم گڏ گلفام هجان
قادر نہ ڪري توکان ڌار ٿيان
پيو پلپل پيارا، توکي پَسان
ٻي در نہ ڪيان دلدار نظر

تنهنجو سهڻل ثاني ڪونہ ٿيو
نڪو جڳ ۾ جاني جيِس ٻيو
اڇي هر ڪو تنهنجي پيش پيو
ڇا حورو پري، ڇا جن و بشر

سڀ سنگ سهارا صاف ڇڏي
هلي تات طلب ۾ تنهنجي تڏي
اڇي مرتضيٰ، مرڪي شوق وڏي
جهليو دلبر آهي تنهنجو در

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# توبه ڪئي

دوستو دلڙي لڳائڻ کان اسان توبهه ڪئي
جان پنهنجي کي جلائڻ کان اسان تـوبهه ڪئي

آهي اڄ ڪلهه جي محبت ۾ ملاوت عام جام
خوامخواهه خلقون کلائڻ کان اسان توبهه ڪئي

نينهن ۾ نظرن ملائڻ جي سـزا اهڙي ملي
زندگـي ڀر، اک اڙائڻ کان اسان توبهه ڪئي

حسن وارن جو زياده زور ٿيو زرتي جڏهن
عاشقيءَ ۾ گـهر لٽائڻ کان اسـان توبهه ڪئي

آفتون آزار ڪـيئي عشـق ۾ ايـندا ڏسي
پاڻ کي عاشـق سـڏائڻ کان اسان توبهه ڪئي

رات ڏينهن راهه وفا ۾ ٿيا ڌڪا در، در نصيب
باوفا نالو رکائڻ کان اسـان توبهه ڪئي

رازدان جنهن کي ٻڌايوسين ڪيو تنهن راز فاش
حال دل ڪنهن کي ٻڌائڻ کان اسان توبهه ڪئي

مرتضيٰ ڪنهن بيوفا جي پيـار ۾ ٿي گرفتار
چوڏطرف چريو چوائڻ کان اسان توبهه ڪئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# خبر آڻ ڪانگل

خبر آڻ ڪانگل عجيبن اچڻ جي
اچي ڏي مبارڪ محبوبن ملڻ جي

پکي پرت واريون وجي ٻول ٻوليون
سلامن جون ساري ڏجان جام جهوليون
اتئي پل ۾ پارت پکيئڙا پچڻ جي

وجي چئج چاهت منجهان ڇُهنب چوري
سمورا سڄڻ ساڻ احوال اوري
وڇوڙيل ڏي واپس وري ڪج ورڻ جي

ڪجين پيش پارت پلّو پاند پائي
ٻڌي هٿ ادب ساڻ سرڙ و نمائي
ڪجان ڪانگ ڪوشش تون پيرين پوڻ جي

سگهو اچ سڄڻ ڪان ڪٺي خط خلاصو
ملي مرتضيٰ جي ته دل کي دلاسو
اٿم آس پلپل پرين جي پسڻ جي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وري عيد آئي

اجـان تـون نـہ آئين، وري عيد آئي
اتئي چـو الاجـي، ايڏي ديـر لائي

اوھان جي اچڻ سان، اکيون عيد ڪن ها
ڏني ڏينهن تيـڙا ڏکـويون ڏسـن ها
نکين پاڻ پھـتين نہ گـولي گھرائي

سوا تنھجي سھڻا ڪيئون ڪيئن عيدون
کلي ڪانہ ڪنھن کي مبارڪ ڏني مون
اسان عيد توريءَ نہ منڙا ملهائي

نہ تصوير تنھجي، اکين تان ٿي اُتري
وسارڻ سان ھرگز نٿو نام وسري
اھا الات لئون لئـون اھا وات وائي

چڏي دوست پيا در لڳس تنھجي لاري
ملو مرتضيٰ سـان پريـن قـول پاري
متان مفت ماري، ھي جانب جدائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سک، چين وڃائي ويٺا سين

ڪنھن ماھ لقا سان پيار ڪري، سک چين وڃائي ويٺا سين
بي نياز ۽ بي پرواھ اڳيان، سر پنھنجو نمائي ويٺا سين

من محرم جنھن کي سمجھيوسون ، تنھن سور ڏنا بدنام ڪيو
بيدرد کي پنھنجو ھمدم ۽ ھمراز بنائي ويٺا سين

ھئي آس تہ درد دل جي دوا، دل سان ڪندو دلدار مگر
درمان بجائي دلڙي کي، بس روڳ رسائي ويٺا سين

بدلي ۾ وفا جي ڏيندي جفا، اھڙي تہ ڪڏھن اميد نہ ھئي
ڏک آھي اھو جو پنھنجي مٿان جڳ پاڻ کلائي ويٺا سين

ڪنھن مرتضيٰ کي مَت ڪانہ ڏني، پنھنجي بہ عقل ڪم ڪونہ ڪيو
بي خبريءَ ۾ بيقدرن سان، نئون نينھن لڳائي ويٺا سين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مغرور اکيون

مون کي ماري ويون مغرور اکيون
تنهنجيون محب ڀٽي مخمور اکيون

جن گهاءَ ڏنا ۽ گهائل ڪيو، منهنجي من کي پاڻ ڏي مائل ڪيو
ڏاڍا قرب ڏيئي، تن قائل ڪيو
پرين پيار ڀريون پرنور اکيون

جڏهن مرڪي مٺا ڪر موڙين ٿو، لک دام دلين لئه جوڙين ٿو
اهي چوٽ دوناليون ڇوڙين ٿو
ڪن ڪيڏا ڪِيس ڪلور اکيون

ڪهڙي انهن اکين جي ڳالهه ڪجي، ساري جڳ ۾ جنجي هاڪ هجي
سُجهي مَٽ ڪو سندن نه مثال ڏجَي
ٿيون ملڪن ۾ مشهور اکيون

جيئن ناز منجهان ٿا نيڻ کڻن، تيئن دم دم دلبر ديد وٺن
يلي مرتضيٰ مورئون ماري وجهن
نه به مون نه ڪيون منظور اکيون

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اي پرين پرديس وارا

اي پريـن پرديس وارا، پيار جي پارت هجئي
عهد جي، انجام جي، اقرار جي پارت هجئي

توسوا داروُن دوا دلـبر نـ آهـي درد جـو
باوفا هن برهہ جي، بيمار جي پارت هجئي

جان من جلوو سندئي آهي جياپو جان جو
دلربا نامِ خدا، ديـدار جي پارت هجئي

همسري جي هام ڪهڙي مان ذروتون ماهتاب
ناز پرور نينهن جي نادار جي پارت هجئي

ڀاڳ منهنجا جو ٿيان ٿو تهنجي بنـدن ۾ شمار
خوش هجين شل خاص خدمتگار جي پارت هجئي

مرتضيٰ محبوب آ، تو در اڇي جهولي جهلي
سونهن جا سردار هـن، پينـار جي پارت هجئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ايندي ويندي

ڪاوڙ، ملال، طعنا، تڪرار، ايندي ويندي
ايذا نه ڪر اسان تي آزار، ايندي ويندي

مان روز تنهنجون راهون نڪريو سجڻ نهاريان
هَت هَت چوين هميشه هر وار، ايندي ويندي

هت ادب جا ٻڌي مون آزيون ۽ عرض ڪيڙا
تنهنجو مگر اهوئي، انڪار ايندي، ويندي

دانهون ڪريان نه دڙڪا، منٿون ڪريان نه ماٺا
اهڙو نه بيوفا تي بيزار، ايندي، ويندي

محبوب مرتضيٰ ڪي نظرِ ڪرم تي گهرجي
ڪڏهن ڪلي ڪريو ڪا ڪينڪار ايندي، ويندي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مري مفت ويندس

رُسي وڃ نہ راڻا دنيا جي چوڻ تي
مري مفت ويندس مٺا منهن مٺڻ تي

گھٽيون لوڪ ڳالھيون گھڙيندو ئي رھندو
سڄڻ تا سيئي پنهنجي مرڪي ملڻ تي

زماني وڇوڙي ڇڏيا ڪئين هزارين
ڪڏهن رحم آيس نہ ڪنهن جي روئڻ تي

ڪڏهن پاڻ سان گڏ، وٺي هوئين ويندو
مگر اڄ اٿئي عار منهنجي اچڻ تي

مجي مرتضيٰ جا عرض عاجزانا
خفا تي نہ منهنجي محبت ڪرڻ تي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## پنهنجو ملڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

آمنا مرڪي ملون، پنهنجو ملڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي
ويھ گڏجي ڪي گهڙيون، ويجهو ويهڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

آ، هلي اوري تہ ڪي احوال دل جا اوريون
ماهرو مون وٽ وري تنهنجو اچڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

اڄ تہ اکڙين ۾ اکيون پائي پيارل پيار مان
پاڻ هڪ ٻئي ڏي ڏسون ڏوري ڏسڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

ڪلھ ڪلهوڙي آئين اڄ تو وڃڻ جون وايون ڪرين
رھ اجوڪي رات راڻا، گڏ رهڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

مرتضيٰ ڪيٰ محب وئين جي راھ ۾ روئندو ڇڏي
جانِ من تو کان جُدا منهنجو جيئڻ پوءِ ٿئي نہ ٿئي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# قسمت کي چوان

موڪلائي ڪانہ ڪئي، مهمان قسمت کي چوان
دل سندا دل ۾ رهيا، ارمان قسمت کي چوان

گڏ گذارڻ جا ڪري واعدا وري ويندو رهيو
حسن پنهنجي تي ڪري حيران قسمت کي چوان

مون گهري محبوب منهنجي ڪان دکي دل جي دوا
ڪونہ ڪو دلبر ڪيو درمان قسمت کي چوان

دوستي ۾ دوست دلدارين دلاسن جي بجاءِ
ويو تہ سورن جو ڏيئي سامان قسمت کي چوان

مرتضيٰ جي من اندر دردن اچي ديرا ڪيا
عشق جا آهن اهي احسان قمسّت ڪي چوان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پريشان آهيان

وڃي دوستو در پلا ڪنهن جي دانهيان
ڪيو پاڻ پريَــنَ پريشـان آهـيان

پريتم ڪي پنهنجو ڪري مون تہ ڄاتو
مگر محب منهـنجي نہ مونکي سڃاتو
ڪلان يا نماڻا ويهي نيڻ واهيان

ڪري جنهن کي پاتم ڳچي منجهہ ڳانو
بنايو تنهن ظلمن جو مون کي نشانو
ڀڏايو تہ کهڙي طرف آئون ڪاهيان

رکي روح رايــو تيــس خوار يارو
ڪيم ڏاڍي ڪوشش چليو ڪونہ چارو
وفا ڪم تڏهـن پي وفـادار ناهيـان

ڪيون مرتضيٰ تي ڪئين جانب جفائون
انهن کي بہ احـسان تو ڄاڻان آئون
اهي لطف ان جا نتو دل تان لاهيان

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وات نھاريندا ھوندا

منھنجي وات مارو، نھاريندا ھوندا
صبح، شام، سانجھي، سنڀاريندا ھوندا

عمر اھنج ايرن تي تنھنجا اچايا
ڏمر ڏاڍ ڏھڪاءُ ڏو تي ڏڪايا
گھٽو گوندرن ۾، گذاريندا ھوندا

ولھارن وٿاڻن وٿان مال واري
پٽن جي تہ پر پاس ڇوڏار چاري
ترائين تڙن تي تنواريندا ھوندا

ھليو ڪونہ ھيٺن سندو ڪوبہ حيلو
نہ ڪو وس نہ واھر ويچارن وسيلو
پکن ۾ پچارون، پچاريندا ھوندا

ڪري مرتضىٰ ياد پلپل پيارا
متا محب مونڏي ويڙھيچا ويچارا
أيا ڪانگ قاصد، اڏاريندا ھوندا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# وھيو واپربو چا

غمن ۾ بہ کلندي، گذاري ڇڏيوسين
وَھيو واپريو چا، وساري ڇڏيوسين

دغا ڪانہ دنيا ۾ ڪنهن سان اٿئون ڪئي
نہ ڪنهن کان ڇنيسين خوشي زندگيءَ جي
ڪري قول ھر حال پاري ڇڏيوسين

ڇڏي لوڀ لالچ ۽ دولت پرستي
سدا سور سرتي سھي پاڻ سختي
قتل ياڳ ڪنهن جو سنواري ڇڏيوسين

ڪدي قلب مان ڪوڙ، ڪلفت ۽ ڪينو
اڪين آب واھي ڪري صاف سينو
اندر کي تہ پنھنجي اجاري ڇڏيوسين

نہ مشڪل ۾ ڪنهن کان اسان منهن مٽايو
مگر مهل ۾ ڪو اٿئون ڪم نہ آيو
ڪُسي ڪيترن کي جياري ڇڏيوسين

وساريا سين دوکا سيئي دوستن جا
نہ دشمن ٿياسين ڪڏھن دشمنن جا
اگھ آيو جيڪو ڪينڪاري ڇڏيوسين

ڪئي مرتضيٰ نينهن اھڙي نوازش
ڪري پنھنجي قربان خوشي توڙي خواھش
مرڻ کان اڳي پاڻ ماري ڇڏيوسين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# هينئين جا هار ترسين ها

هليو وين چو پلا هڪدم، هينئين جا هار ترسين ها
ڪرڻ ديدار آياسين، ذرا دلدار ترسين ها

وڃڻ جا وقت پيا پي هئا، تياري ۾ تڪڙ چو ڪئي
هُيئي جي حُب حقيقت ۾ تہ پوءِ حبدار ترسين ها

پرين پرديس آياسين ڪري پنڌ پيار تنهنجي ۾
گهڙي ڪن ڪا غريبن لئہ ڪٿي غمخار ترسين ها

اکين کي آس هئي ڏاڍي مٺا تنهنجي ملڻ جي پر
اُڃايل تن اکين جي لئہ اکين جا ٺار ترسين ها

خدا ڄاڻي ڪٿي ڪهڙيون اميدون ساڻ آياسين
ٿين ارمان ها پورا مگر منٺار ترسين ها

ميارون سڀ مناسب پر محبت ۾ مٺاجاني
وڇوڙيل جي وفائن تي ڪري ويچار ترسين ها

مرتضيٰ سان ملڻ ڏاران وڃڻ واجب نہ هو توکي
ڪري ڪا ڄاڄ ٻانهن تي سڄڻ سردار ترسين ها

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# منهنجي مارن کي، ٿر وارن کي

منهنجي مارن کي ، ٿر وارن کي
منهنجو ڪانگ ادا، وڃي حال ٻُڌا

سڀ سور سفر جا سخت سَهي
وڃي چئج خدارا ڪانگ ڪَهي
منهنجي ساهه سندي سينگارن کي

هت غافل ڪين گذاريو اٿم
چئجان سانجهي، صبح پيو ساريو اٿم
تن سانگيئڙن تہ سنگهارن کي

ڪڏهن ڪاج نہ خاصا ڪائيندس
پنهنجي لوئي ڪانہ لڄائيندس
اچي ويسهہ شال ويچارن کي

ڪيئن مرتضيٰ ملڪئون منهڙو مٽيان
هت ڪوٽن ۾ پئي قيد ڪٽيان
ڪڏهن پسنديس نيٺ پنهوارن کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# رُسي وڃ نہ راڻا

ڏيئي پيار پهرين ڪري مور ماڻا
رسي وڃ نہ راڻا، رسي وڃ نہ راڻا

ڳٺي تنهنجيون ڳالهيون پياريون، پياريون
اسان روئي، روئي ڪيئن راتيون گذاريون.
تري دل تي آيا سمان ڪي سهاڻا

وجهي دام دل کي برهہ جا بلاتا
پڪا پرت جا تو اچي پيچ پاتا
وتون ورہ ۾ تيا ويچارا ويڳاڻا

سنڌئي بي نيازي مان بيزار ناهيون
جتي اڳ هئاسين اتي اڄ بہ آهيون
اوهان جا تہ نوڪر اهي ئي نماڻا

متا مرتضيٰ سان ڪيئي قول جيڪي
وچن واعدا ير ڪري ياد ڪي، ڪي
نيائج تون ناتا پرين سي پراڻا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اي ڪانگ ادا

اي ڪانگ ادا، نام، خدا، جلد تون ٻُڌا
ڪڏهن منـهنجـو يار ايندو منو مهہ لـقـا

ٻڌي ٻاجهہ منجهان شال سڪايل جون صدائون
اچي منهنجي اڱڻ محب گهران روز دعـائون
ڪيان پيار ۾ دلدار متان جان تن فدا

ڏينهن رات اٺم تات پيو ساريان نهاريان
هـر ويل هنجهون هجر ۾ هاريان ۽ پڪاريان
رهـي تار تي دلدار سندي ساهہ ۾ سدا

وجي حال ۽ احوال پرين کي تون پڄائي
خبر چار اچي خير سندي مونکي سڻائي
ٿيئي ديد ڪيان عيد، اچي شـال دلربا

مرتضيٰ تـوڪري منٿ پڪي توکي پيارا
سڪ سوز ۾ گهاريا جنهن سيارا ۽ اونهارا
اکين نـار هينئين هار کي هڪ وار وٺي آ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڏاڍا قرب ڏنئي

ڏاڍا قرب ڏنئي احسان سڄڻ
تو تان جان ڪريان قربان سڄڻ

تنهنجو وسري مٺا تنهنجو مرڪي ملڻ، ويهي حال ونڻ ڏاڍا ڏڍ ڏيڻ
پنهنجي ٻانهن تي ايڏي ٻاجهه ڪرڻ
آهي شان سندئي سبحان سڄڻ

جيڪا جڳ ڪنان واڪاڻ ٻڌم، تهڙو توکي اڇي محبوب ڏٺم
مونکي محب خدا جو آهي قسم
تو ۾ ڪا ٻه ڪمي آهي ڪان سڄڻ

نڪين ثاني سندئي ڪو سيرت ۾، نڪو صورت، مهر، مروت ۾
نڪين مٽ ڪو مزاج محبت ۾
آهين سونهن سندو سلطان سڄڻ

ڪڏهن ڪين ڪجان جاني هاڻ جُدا، آهيان تنهنجي سهاري سام سدا
آهي ڏاڏاهي جي آس اها
ڪريو در جو ڪيٽي دربان سڄڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اي صنم !

آ، اجان تائين اسان کي انتظاري، اي صنم
ختم ڪر بيتاب دل جي بيقراري اي صنم

تا رهن جاري جدائي ۾ اکين مان آبشار
اج اکين سان ڏس اکين جي، اشڪباري، اي صنم

هجر ۾گذري حياتي حسرتون هلنديون اچن
وقت آهي وار وائي وصل واري، اي صنم

درد دوريءَ ۾ بہ دل تي دوستي جي دين ۾
تي رهي شب روز تنهنجي تات طاري اي صنم

تو سوا چوڏس چمن ۾ چهچٽو چانداڻ ناهہ
اچ تہ گلشن ۾ اچي ڪا اج بهاري، اي صنم

مرتضيٰ کي محب جا ماڻا مڙئي منظور تيا
پل پون پرسڙ پره جا بار ڀاري، اي صنم

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# دل تہ اڳوٽي ڏار پرين

يلي ماڻن سان پيو مار پرين
پر دل تہ اڳوٽي ڏار پرين

پيئي سانجهي صبح دل توکي سڏي
وئين گوندر ۾ جايار گڏي
سا پچر پيارا ڪيئن ڇڏي
لڳي جنهن کي آھہ لغار پرين

تنهنجو جلوو جوت جمال جتي
تيون سرس سهايون صاف تتي
تو حورون ڏسان حيران اُتي
اهو قلب جو قول قرار پرين

ڇڏي دوري دلبر نامِ خُدا
رہ جانب هاڻي ڪين جُدا
هي سيکهہ منجهان سڻ منهنجي صدا
اچ گڏجي مون سان گهار پرين

جيئن مرتضيٰ جي دل يار جهٽي
تيئَن رات روئڻ ري ڪانہ ڪٽي
تو هر ڪا بازي آھہ ڪٽي
مون پنهنجي قبولي هار پرين

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جَر تي ڦوڻو

آھہِ جواني، جاني، ايئَن
جر تي ڪوئي، ڦوڻو، جيئَن

پور ڏيئي تو ڏور گذارين
ھاءِ نہ ڪر تون، ھاڃون، ھيئَن

آءُ تہ ڪريون، قرب ڪچھريون
جيسين آھيون جيئَن جا، تيئَن

گڏجي، سڏجي پاڻ ۾ گھاريون
جيوَن پيار، محبت، سيئَن

ڏاڏاھي، ڪي ڳجھيون ڳالھيون
توريءَ ڪنھن سان ڪريان، ڪيئَن

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جياريو يا ماريو

اسان حال دل جو، اوهان سان پچاريو
اوهان جي آ مرضي، جياريو يا ماريو

نہ دولاب دوکو، دغا ڪا ڪنداسين
حسين سان هر دم، وفا پيا ڪنداسين
اوهين پنهنجي وعدن کي، پاريو نہ پاريو

اسان جي نہ دل مان تہ، نڪري سگهو ٿا
حياتي ۾ هرگز نہ، وسري سگهو ٿا
ڪريو ياد ڪڏهين، يا ويهي وساريو

اوهين پل اسان کان، ڪريو پيا ڪنارا
پچر ڪانہ ڇڏبي، اوهان جي تہ پيارا
رهو ڌار دلبر، يا گڏجي گذاريو

مرتضيٰ تہ اصلئون، اوهان جو رهيو آ
نہ ٿيندو ڪنهين جو، نہ ڪنهن جو ٿيو آ
وٺي گڏ وهاريو، يا در تان ڌڪاريو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پياري پُٽ شير محمد شاھ ڏاڏاھي جي ياد ۾ جيڪو ڦوھ جواني ۾ 16-1-89 تي جدا ٿي ويو.

سوين سج لهي ويا، سڄڻ ڇو نہ آئين!
ڏکن ۾ ڏکيءَ کي ڏسڻ ڇو نہ آئين!

رهي رات ڏينهن تي اکين انتظاري،
وساري ڇلا ڪيئَن محبت جي ماري،
هلي دل جون ڳالهيون ٻڌڻ ڇو نہ آئين!

ڏکن ۽ سکن جا تہ ساٿي هُياسين،
ڪيو ڦھر قسمت جدا ٿي وياسين،
وڇوڙي جون خبرون وٺڻ ڇو نہ آئين!

ٻڌي موڙ محبوب خوش ٿي ڪليو ها،
اچي سيج سرهي تي وارث وهين ها،
چڙهي گهوٽ گهوڙي، اڱڻ ڇو نہ آئين!

ڇڏي وين ڇپر ۾ ڇتي سنگ سياپا،
وڃڻ ويل توکي ڪيئن ڪيڏا واڪا،
وري دم دلاسا ڏيڻ ڇو نہ آئين!

الاجي تہ ڪنهن جي لڳي بدنظر وئي،
سڄي زندگاني تہ ٻڌجي زهر وئي،
وهيو واپريو ڇا، پڇڻ ڇو نہ آئين!

ڏنا ڪهڙا ڪهڙا مون سپنا سهاڻا،
ويا خاڪ ٿي سي پرين تو پڇاڻا،
غمن جا فسانا ٻڌڻ ڇو نہ آئين!

مٺا مرتضيٰ جي اڏي دل ۾ ديرو،
ڪري وڙ وِلهي تي اويرو سويرو،
منهنجا مور جاني ملڻ ڇو نہ آئين!

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پياري شير محمد شاھ ڏاڏاهي لاءِ 89 .2 .5
رمضان جي عيد تي لکيل

ياد آهين مونکي هر دم شير پُٽ
تو سوا تي عيد ماتم شير پُٽ

توبنا ڇاجي خوشي، ڇا جي خريد
ٿا رهن هي نيڻ پُرنم شير پُٽ

هر عمر تنهنجا سيئي ڪِلندا ڏسي
ياد پيو تنهنجو تبسّم شير پُٽ

عيد جي خرچي اچي بابا ڪان وٺ
قرب مان ڪو چئو پلاڪم شير پُٽ

پيو سڪان تنهنجي مٺي آواز لاءِ
شل ٻُڌان تنهنجو ترنّم شير پُٽ

ڪونہ آيو رحم ظالم موت کي
ڇا تہ هو تنهنجو اچا چم شير پٽ

بي اثر منهنجون دعائون تي ويون
ياڳ منهنجي ۾ هيو غم شير پُٽ

تون ڏکن سورن سندو ساٿي هُئين
منهنجا مٺڙا حال محرم شير پُٽ

مرتضيٰ کي خواب ۾ ئي ڏي اچي
دل جي زخمن جو ڪو مرهم شير پُٽ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book